روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | خميس 14 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 27 صفر 1445ھ | شمارو: 326 | قيمت 10 روپيا

صدر عارف علوي ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ 6 نومبر جي تاريخ تجويز ڪري ڇڏي

صدر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي نالي خط لکيو آهي، جنهن ۾ چيو آهي ته مان 9 آگسٽ تي وزيراعظم جي صلاح تي قومي اسيمبلي ٽوڙي

آئيني ذميواري پوري ڪرڻ خاطر چيف اليڪشن ڪمشنر کي ملاقات لاءِ دعوت ڏني وئي ته جيئن آئين ۽ ان جي حڪم کي لاڳو ڪرڻ جو طريقو واضح ڪري سگهجي: خط جو متن

وفاق کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جون عام چونڊون هڪ ئي ڏينهن ڪرائڻ تي اتفاق آهي

اليڪشن ڪميشن آزاد، منصفاڻي چونڊن لاءِ آئيني ۽ قانوني قدمن جي پابندي ڪري ۽ اليڪشن ڪميشن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ هڪ ئي ڏينهن چونڊون ڪرائڻ لاءِ اعليٰ عدليا کان رهنمائي حاصل ڪري

مردم شماري ڪانپوءِ تڪ بندين جو عمل به جاري آهي، آئين جي آرٽيڪل 51 (5) ۽ اليڪشن ڪميشن جي سيڪشن 17 تحت اهو لازمي شرط آهي

قانون ۽ انصاف واري وزارت به اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جهڙي راءِ رکي ٿي. خط موجب چئني صوبائي حڪومتن جو خيال آهي ته چونڊن جي تاريخ جو اعلان اليڪشن ڪميشن جو مينڊيٽ آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) صدر عارف علوي ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ 6 نومبر جي تاريخ تجويز ڪري ڇڏي. صدر عارف علوي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي نالي خط لکيو آهي، جنهن ۾ چيو آهي ته مان 9 آگسٽ تي وزيراعظم جي صلاح تي قومي اسيمبلي ٽوڙي. خط ۾ چيو ويو آهي صدر جو اختيار آهي ته عام چونڊن لاءِ 90 ڏينهن اندر تاريخ مقرر ڪري، آئيني ذميواري پوري ڪرڻ خاطر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: صدر عارف علوي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

عجيب ڳالھ آھي تہ ھڪ پارٽي اليڪشن جي تاريخ پيئي ڏي: بلاول

ڏکڻ پنجاب جي عوام هيل دوکيبازن جي پٺيان نہ لڳي، 2018 جي چونڊن ۾ مظفر ڳڙھ مان قومي اسيمبلي جون 3 سيٽون کٽيون ايندڙ چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جون 5 سيٽون کٽينداسين

نااهل ۽ نالائق وزيراعظم کي مڙهيو ويو جنهن سبب معيشت کي نقصان پهتو ۽ پرڏيهي لاڳاپا بحران جو شڪار ٿيا. اسان پي ٽي آءِ چيئرمين جي حڪومت عوام سان ملي سليڪٽڊ سرڪار جو خاتمو آندو

چونڊن بابت سڀاڻي پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ٿيندو هڪ پارٽي پاڻ چونڊن جي تاريخ ڏئي رهي آهي، ڪنهن کي به خبر ناهي تہ چونڊون ڪڏهن ٿينديون

چونڊون ٿيڻ گهرجن پر عجيب ڳالھ آهي تہ صرف هڪ پارٽي چئي رهي آهي تہ فيبروري ۾ چونڊون ٿينديون. اهڙي صورتحال ۾ اسان ليول پليئنگ فيلڊ نہ هجڻ جو ڏوراپو نہ ڏيون تہ ڇا ڪريون

پي ڊي ايم ميثاق جمهوريت جي حق ۾ نہ آهي. اسان تہ چاهيو ٿي تہ ميثاق جمهوريت 2 بہ ٺهجي. اسان نئين ميثاق جمهوريت جي ڪوشش ڪئي پر اهو بہ نہ ٿي سگهيو: مظفرڳڙھ ۾ جلسي کي خطاب

مظفرڳڙھ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري (ن) ليگ جو نالو کڻڻ کان سواءِ تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي تہ چيف اليڪشن ڪمشنر کي بہ خبر نہ آهي تہ چونڊون ڪڏهن ٿينديون، مون کي بہ خبر ناهي چونڊون ڪڏهن ٿينديون پر هڪڙي پارٽي پاڻ چونڊن جي تاريخ ڏئي رهي آهي. ڏکڻ پنجاب جي عوام هيل دوکيبازن جي پٺيان نہ لڳي. بلاول ڀٽو زرداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مظفرڳڙھ: پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪارروايون نظر اينديون، خاميون ختم ڪنداسين: آءِ جي سنڌ

عوام کي بہ اسان مان اميدون آهن، انشاءَ الله بهتر ڪنداسين: رفعت مختار

ماضي ۾ نہ وڃڻ گهرجي، عدالت ۽ عوام جي اميدن کي نااميدي ۾ ناهي بدلائڻو

اسان کي ڪجھ ڪرڻو آهي، توهان پاڻ ٻڌائيندئو تہ تبديلي آئي آهي يا نہ، سسٽم ۾ خاميون آهن

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو آهي تہ بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن، هاڻي ڪارروائي نظر اينديون. عوام کي بہ اسان مان اميدون آهن. انشاءَ الله بهتر ڪنداسين. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ رفعت مختار چيو تہ ماضي ۾ نہ وڃڻ گهرجي. عدالت ۽ عوام جي اميدن کي نااميدي ۾ ناهي بدلائڻو. اسان کي ڪجھ ڪرڻو آهي، توهان پاڻ ٻڌائيندئو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

هنزه: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سياسي اڳواڻن سان ڪچهري دوران ڳالهائي رهيو آهي

صدر عارف علوي سان نگران قانون واري وزير احمد عرفان ملاقات، چونڊن بابت ڳالھيون

قانون واري وزارت موجب ملڪ ۾ عام چونڊن جي حوالي سان ٿيندڙ اجلاس ۾ چئني صوبن جي نگران قانون وارن وزيرن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ پنجاب جو نگران قانون وارو وزير ڪنور دلشاد، سنڌ جو نگران وزير عمر سومرو، خيبرپختونخواھ جو نگران قانون وارو وزير ارشد حسين ۽ بلوچستان جو نگران قانون وارو وزير امان الله ڪنراڻي شريڪ ٿيا

اجلاس ۾ آزاد، منصفاڻيون ۽ شفاف چونڊن کي يقيني بڻائڻ جي حڪومتي عزم کي اجاگر ڪيو ويو: ترجمان

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي سان نگران قانون واري وزير احمد عرفان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون. قانون واري وزارت موجب ملڪ ۾ عام چونڊن جي حوالي سان ٿيندڙ اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڌاڙيلن خلاف ڪچي ۾ آپريشن ضرور ٿيندو: عمر سومرو

پريا ڪماري جي اغوا وقت مقرر ايس ايس پي ٻن سالن ڪانپوءِ ٻيهر موٽي آيو آهي: قانون وارو صوبائي وزير

پريا ڪماري ضرور بازياب ٿيندي، پوليس جي ڪارڪردگي افسوسناڪ آهي: ايس ايس پي سکر

راڻيپور جي حويلي ۾ ٻارڙي فاطمہ کي قتل ڪرڻ واري ڪيس جي جاچ دوران پوليس جوابدار جي موبائيل فون ان لاڪ نہ ڪري سگهي آهي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) قانون واري صوبائي وزير عمر سومرو چيو آهي تہ پريا ڪماري سميت سمورن مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڌاڙيلن خلاف ڪچي ۾ آپريشن ضرور ٿيندو، پريا ڪماري جي اغوا وقت مقرر ايس ايس پي ٻن سالن ڪانپوءِ ٻيهر موٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سائفر ڪيس: شاھ محمود قريشي هٿڪڙيون لڳائي عدالت ۾ پيش، جوڊيشل ريمانڊ ۾ واڌ

اسلام آباد جي خصوصي عدالت جي جج ابوالحسنات پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي جي خلاف سائفر ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اڳوڻي پرڏيهي وزير کي جوڊيشل ڪمپليڪس ۾ پيش ڪيو ويو، پيشي دوران ايف آءِ اي شاھ محمود قريشي کي هٿڪڙيون لڳايون

اسان جي لاءِ ملڪ اهم آهي مون کي يقين آهي تہ مون ڪڏهن بہ ملڪ سان غداري نہ ڪئي آهي: شاھ محمود قريشي

اسلام آباد (م ڊ) خصوصي عدالت سائفر ڪيس ۾ شاھ محمود قريشي جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد جي خصوصي عدالت جي جج ابوالحسنات پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي جي خلاف سائفر ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: ايف آءِ اي اهلڪار شاھ محمود قريشي کي هٿڪڙيون هڻي عدالت ۾ پيش لاءِ وٺي اچي رهيا آهن

سنڌ ۾ 2 سال دوران زرعي ڀاڻ جي قيمتن ۾ ٽيڻ تي واڌ، يوريا ۽ ڊي اي پي غائب ٿيڻ تي آبادگار پريشان

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ۾ ٻن سالن دوران زرعي ڀاڻ جون قيمتون ٽيڻ تي وڌي ويون، يوريا ۽ ڊي اي پي ڀاڻ مارڪيٽ مان غائب. وڏي پيماني تي گدامن ۾ ذخيرو، ڀاڻ جون قيمتون وڌڻ ۽ مارڪيٽ مان غائب ٿيڻ سبب آبادگار سخت پريشان. ٽڪ ٽاڪ پوکي دوران زرعي ڀاڻ جي قيمت ۾ وڌيڪ اضافي جو امڪان. رپورٽ مطابق سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊ ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو

اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميشن ڪئي

علي ظفر هاءِ ڪورٽ ۾ آهي ان لاءِ اليڪشن ڪميشن نہ پهچي سگهيو: بيرسٽر گوهر

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن پاڪستان تحريڪ انصاف جي انٽرا پارٽي چونڊ ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊ ڪيس جي ٻڌڻي اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ميمبر نثار دراني جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

قانون وارو صوبائي وزير عمر سومرو

چين افغانستان ۾ عبوري حڪومت دوران سفير مقرر ڪندڙ پهريون ملڪ بڻجي ويو

چيني سفير ژائوشينگ وزيراعظم ملا حسن اخوند کي پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪري ڇڏيون

وزيراعظم ملا حسن اخوند سفارتي تقريب ۾ چيني سفير جي سندن کي قبول ڪيو: بلال ڪريمي

بيجنگ (م ڊ) چين طالبان جي عبوري حڪومت دوران افغانستان ۾ پنهنجو سفير مقرر ڪندڙ پهريون ملڪ بڻجي ويو. افغان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بجلي بلن تي فيصلو نہ ٿيو، صنعتن جي مراعتون واپس وٺڻ جو مطالبو

آءِ ايم ايف بجلي پيدا ڪندڙ صنعتن لاءِ گئس جي اگهن ۾ فوري واڌ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي: ذريعا

بجلي پيدا ڪندڙ صنعتن لاءِ گئس جي اگهن ۾ واڌ جولاءِ 2023ع کان لاڳو ڪئي وڃي

بجلي پيدا ڪندڙ صنعتن لاءِ سبسڊي وارو ٽيرف ختم ڪري قيمتن ۾ واڌ جو منصوبو پيش ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) توانائي واري وزارت ۽ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ (آءِ ايم ايف) وچ ۾ بجلي جي بلن ۾ رليف جي معاملي تي ڪا بہ اڳڀرائي نہ ٿي سگهي آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف پاڪستان کان مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

موسميات کاتي برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ تيز هوائن ۽ آنڌاري سان وقفي وقفي سان برسات جو امڪان

نار بنگال مان چوماسي هوائون ملڪ جي مٿين علائقن ۾ داخل ٿينديون

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ 15 کان 20 سيپٽمبر دوران ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ سوپاريون کپائيندڙ بہ پوليس کي 2 ڪروڙ روپيا ڏئي ٿو: سنڌ هاءِ ڪورٽ

گذريل 15 سالن دوران سنڌ ۾ وڏي تباهي ٿي آهي، صوبي ۾ قتل ڪيسن جي درست جاچ نہ پئي ٿئي

قتل ڪيسن جي جاچ سهي نموني نہ پئي ٿئي، جوابدار آزاد ٿين ٿا تہ عدالتن تي تنقيد ڪئي وڃي ٿي: جسٽس امجد علي سهتو

جاچ لاءِ فنڊ هر ضلعي کي ڏيڻ بدران ٿاڻن کي سڌو ڇو نہ پيا ڏنا وڃن؟ سنڌ جي عوام جون نظرون اوهان تي آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ چيو آهي تہ ڪراچي ۾ سوپاريون کپائيندڙ بہ پوليس کي 2 ڪروڙ روپيا ڏئي ٿو. گذريل 15 سالن دوران سنڌ ۾ وڏي تباهي ٿي آهي، صوبي ۾ قتل ڪيسن جي درست جاچ نہ پئي ٿئي، جوابدارن خلاف ثبوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اينٽي ڪرپشن پرويز الاهي خلاف هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پرويز الاهي خلاف ڪيس ماسٽر پلان 2050 ۾ بي ضابطگين ۽ ڪرپشن تي داخل ڪيو ويندو: اينٽي ڪرپشن اختياريون

پي ٽي آءِ صدر جي خلاف ڪيس اينٽي ڪرپشن لاهور ريجن اي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو

چيئرمين ايل ڊي اي مونس الاهي جي چوڻ تي ايراضي جي جعلي نقشن تي صحيحون ڪيون

پي ٽي آءِ جي صدر ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي پيشي لاءِ عدالت اچي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) اينٽي ڪرپشن پي ٽي آءِ جي صدر ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي خلاف هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گهوٽڪي ۾ ڌاڙيلن جي ايندڙ ويندڙ گاڏين کان ڦرلٽ، ڳوٺاڻا پهچي ويا، فائرنگ، هڪ ڇٽو قتل

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي ويجهو سکر ملتان موٽر وي اير ڦائيو تي ڌاڙيلن ٻاران ڦر دوران ڳوٺاڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر عمر سيف سان پي ٽي سي ايل جو سي اي او ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ 17 سيپٽمبر کان 24 ڪلاڪن کان سي اين جي اسٽيشنز بند رکڻ جو اعلان

سوئي سدرن گئس ڪمپني پاران سي اين جي اسٽيشنز جي بندش جي حوالي سان شيڊول جاري

اسٽيشنز آچر صبح 8 وڳي کان سومر جي صبح 8 وڳي تائين بند رهنديون

ڪراچي (م ڊ) سوئي سدرن گئس ڪمپني (ايس ايس جي سي) سنڌ ۾ 17 سيپٽمبر کان 24 ڪلاڪن کان سي اين جي اسٽيشنز بند رکڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ميرپورخاص: اڳوڻي صوبائي وزير هري رام ڪشوري لال جي فيڪٽري تي ڇاپو، 25 هزار ڀاڻ جون ٻوريون هٿ، گودام سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي حسين بخش مري يونس رند پاران ڳجهي اطلاع تي پراڻي ميرپور ٽائي جي حد سانگهڙ روڊ تي فيڪٽري تي ڇاپو هنيو

ڳجهي اطلاع ملي هئي تہ هن فيڪٽري ۾ ڀاڻ کي اسٽاڪ ڪري بليڪ تي وڪرو ڪيو پيو وڃي: يونس رند

ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي ڪاروائي ڪري فيڪٽري ۾ پيل ڀاڻ کي سيل ڪري ڇڏيو آهي

ميرپورخاص (رپورٽر) پراڻي ميرپور ٽائي جي حد سانگهڙ روڊ تي قائم اڳوڻي صوبائي وزير هري رام ڪشوري لال جي فيڪٽري تي اسسٽنٽ ڪمشنر جو ڇاپو، فيڪٽري ۾ پيل 25 کان 30 هزار ڀاڻ جون ٻوريون هٿ ڪري گودام کي سيل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪشمور ڪنڌڪوٽ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ رينجرز جي مدد سان آپريشن جو مطالبو

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل مغوين جي وارثن ۽ هندو ڪميونٽي جي اڳواڻن پاران مغوين جي بازيابيءَ لاءِ رينجرز جي مدد سان آپريشن شروع ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي قانون واري وزير عمر سومرو ڪنڌڪوٽ ۾ مغوين جي وارثن ۽ هندو ڪميونٽي جي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ميرپورخاص: اڳوڻي صوبائي وزير هري رام ڪشوري لال جي فيڪٽري کي سيل ڪيو پيو وڃي

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو انسپيڪٽر ڀتو وٺڻ جي الزام ۾ گرفتار

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي انسپيڪٽر ضياءالرحمان عرف ضيا ڪالا کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدار ۽ سنڌس ساٿين خلاف ڪراچي جي بريڊي ٿاڻي ۾ دهشتگردي روڪ ايڪٽ تحت ڪيس داخل

ضياءالرحمان عرف ضيا ڪالا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ اڏاوتن ۾ سنگين بي ضابطگين ۽ ڀتو وصول ڪرڻ جي الزامن تحت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي انسپيڪٽر ضياءالرحمان عرف ضيا ڪالا کي گرفتار ڪيو ويو. ايس ايس پي جي سينيئر سپرنٽينڊنٽ پوليس جنيد شيخ موجب پوليس جي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي انسپيڪٽر ضياءالرحمان عرف ضيا ڪالا کي گرفتار ڪيو آهي. جوابدار ۽ سنڌس ساٿين خلاف ڪراچي جي بريڊي ٿاڻي ۾ دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

برطانوي هاءِ ڪمشنر چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات

ملاقات وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي آفيس ۾ ٿي

ملاقات دوران ان ڳالھ تي اتفاق ڪيو ويو تہ پاڪستان ۾ آزاد ۽ شفاف چونڊون ڪرائڻ تمام ضروري آهي: برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ملاقات ڪئي، اها ملاقات وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي آفيس ۾ ٿي. ان حوالي سان برطانوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اليڪشن ڪميشن جي سياسي وابستگي وارن ماڻهن کي نگران ڪابينہ ۾ شامل ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي هدايت

اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم جي سيڪريٽري توقير شاھ کي خط موڪلي ڇڏيو

اهو عام تاثر آهي تہ نگران حڪومت اڳوڻي حڪومت جو تسلسل آهي، هڪ سياسي جماعت تازي پريس ڪانفرنس ۾ ان ڏانهن نشاندهي ڪئي آهي

اليڪشن ڪميشن طرفان هدايت ڪئي وئي آهي تہ ڪابينہ ميمبرن جي مقرري ڪندي انهن ماڻهن کان پاسو ڪيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم کي هدايت ڪئي آهي تہ ڪابينہ ميمبرن جي مقرري ڪندي انهن ماڻهن کان پاسو ڪيو وڃي، جن جي سياسي وابستگي هجي. ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ن ليگ جو چيف جسٽس تي رٽائرمينٽ تي ڇوٽڪاري جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان

16 سيپٽمبر کي ڇوٽڪاري جي ڏينهن طور ملهايو ويندو: عطا تارڙ

ٻين ملڪن ۾ سپ جج ويهي ٻئنچون طئي ڪري سگهن ٿا

اسلام آباد (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ عطا تارڙ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي ملازمت جو مدو ختم ٿيڻ تي 16 سيپٽمبر کي ڇوٽڪاري جي ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

افضل لنڊ واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ اندر بدامني عروج تي پهتل آهي عوام جي جان مال عزت محفوظ ناهي جنهن جا ذميوار حڪمران آهن

واقعي جي جڊيشل انڪوائري ڪرائي حقيقتون عوام آڏو آنديون وڃن ۽ جوابدارن کي فوري طور قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

جي ماڻهن کي پنهنجي ايندڙ نسلن کي پرامن محبتن واري سنڌ موٽائي ڏيارڻ لاءِ سياسي جدوجهد ۽ ووٽ جو درست استعمال ڪرڻو پوندو

ايس ٽي سربراھ ڊاڪٽر قادر مگسي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي تہ سنڌ اندر بدامني عروج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان ۾ ٻہ ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان بہ هيٺ وڃڻ جو خدشو: گڏيل قومون

نيويارڪ (م ڊ) ٿوري ئي عرصي ۾ پاڪستان ۾ 20 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ وڃڻ جو خدشو. بيروزگاري ۾ 10 سيڪڙو ساليانو واڌ سبب هر سال 30 لک ماڻهو غريب طبقي ۾ شامل ٿيڻ لڳا. پاڪستان ۾ وچولي طبقي جو انگ 42 مان گهٽجي ويو 33 سيڪڙو رهجي ويو آهي. گڏيل قومن خبردار ڪيو آهي تہ پاڪستان ۾ وچولي طبقي جي شرح 42 سيڪڙو کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڊالر 250 رپين تائين بہ وڃي سگهي ٿو: ملڪ بوستان

ڪريڪ ڊائون تي آرمي چيف کي قوم طرفان مبارڪباد

آرمي چيف اهو ڪم ڪيو جيڪو سول حڪومت کي ڪرڻو هو

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان فاريڪس ايڪسچينج ايسوسيئيشن جي چيئرمين ملڪ بوستان مطالبو ڪيو آهي تہ ڊالر ڪپائڻ لاءِ ايندڙن کي تنگ نہ ڪيو وڃي تہ جيئن اهي ٻيهر بليڪ مارڪيٽ نہ وڃن. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ليبيا ۾ سامونڊي طوفان جي تباهي: فوتين جو انگ 6 هزار کان وڌي ويو، 10 هزار کان وڌيڪ شهري گم

ملڪ جي اترين ۽ اوڀرين سامونڊي علائقن سان ٽڪرائجندڙ سامونڊي طوفان ڊنيال مان پيدا ٿيندڙ ٻوڏ صورتحال سبب فوت ٿيلن جو انگ 6 هزار کان وڌي ويو

ليبيا جي اوڀرين شهر درنا ۾ هڪ ملبي مان 1 هزار 500 کان وڌيڪ لاش ملڻ کان پوءِ فوتين جو گڏيل انگ 6 هزار کان وڌي ويو

برساتن سبب مشرقہ شهر جا ڊيم ٽٽي ويا ٻوڏ وهڪرا رهائشي علائقن ۾ داخل ٿي ويا هئا

طرابلس (م ڊ) ليبيا ۾ ايندڙ سامونڊي طوفان جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ 6 هزار کان وڌي ويو آهي. جڏهن تہ 10 هزار کان وڌيڪ شهري اڃان تائين گم آهن ليبيا جي گهرو وزارت تصديق ڪندي ٻڌايو تہ ملڪ جي اترين ۽ اوڀرين سامونڊي علائقن سان ٽڪرائجندڙ سامونڊي طوفان ڊنيال مان پيدا ٿيندڙ ٻوڏ صورتحال سبب فوت ٿيلن جو انگ 6 هزار کان وڌي ويو آهي. ليبيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي ۾ وڏي واردات، فيڪٽري ملازمن سان ڀريل بس مان ڦر

ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار 6 هٿياربندن بس ۾ گهڙي 70 ڄڻن کان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي

ڦر جي اها واردات شاھ فيصل ڪالوني نمبر 3 ۾ المصطفيٰ اسپتال پرسان ٿي: ذريعا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي شاھ فيصل ڪالوني ۾ هٿياربندن ليدر گارمينٽس فيڪٽري جي ملازمن سان ڀريل بس مان ڦرلٽ ڪئي. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پارت ۾ نئين وائرس وگهي ٻہ ڄڻا فوت، انتظاميا ۾ ٿرٿلو، الرٽ جاري

پارت جي ڏکڻ رياست ڪيرالا ۾ نيپا وائرس سبب ٻہ ڄڻا فوت ٿيا آهن جنهن ۾ هڪ شخص هلندڙ مهيني جي شروع ۾ وائرس وگهي فوت ٿيو

وائرس سبب فوت ٿيلن ٻنهي شهرين جي ٽيسٽ هاڪاري آئي هئي جنهن ۾ نيپا وائرس ظاهر ٿيو هو

نئين دهلي (م ڊ) پارت ۾ نيپا وائرس وگهي فوتگين کان پوءِ حڪومت الرٽ جاري ڪري ڇڏيو. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽس موجب پارت جي ڏکڻ رياست ڪيرالا ۾ نيپا وائرس سبب ٻہ ڄڻا فوت ٿيا آهن جنهن ۾ هڪ شخص هلندڙ مهيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

چونڊون تڪ بندين کان پوءِ فيبروري ۾ ٿينديون، مقررين ۽ بدلين بابت پ پ جو اعتراض اجايو آهي: راڻا ثناءالله

تڪ بندين جو عمل شروع ٿيڻ کان پوءِ صدر چونڊن جي تاريخ جو اعلان نٿو ڪري سگهي

چونڊن کان اڳ مقررين ۽ بدلين بابت پ پ جو اعتراض اجايو آهي، پ پ جو چونڊن کان اڳ بدلين ۽ مقررين جو بيانيو ٺهي نٿو

قانوني راءِ موجب نوازشريف جي نااهلي ختم ٿي چڪي آهي، جيستائين ان جي سزا جو تعلق آهي تہ نوازشريف جي خلاف داخل ڪيل ڪيس ڪمزور آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءالله فيبروري جي پهرين هفتي ۾ چونڊن جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو تہ فيبروري جي پهرين هفتي ۾ چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سائفر ڪيس: عمران خان جي جڊيشل ريمانڊ ۾ 26 سيپٽمبر تائين واڌ

خاص عدالت جي جج ابوالحسنات پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سائفر ڪيس جي اٽڪ جيل ۾ ٻڌڻي ڪئي

سڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي تحريڪ انصاف چيئرمين جو اٽڪ جيل ۾ ٽرائل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ تحت قائم خاص عدالت سائفر ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف چيئرمين جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

دادو ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم مذهبي عقيدي ۽ احترام سان ملهائڻ بابت اجلاس

جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم سيني عيدن جي سردار عيد آهي جنهن کي ڀرپور عقيدي ۽ احترام سان ملهايو ويندو : ڊپٽي ڪمشنر

امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا، ضابطہ اخلاق تي سختي سان عمل کي يقيني بڻايو ويندو

ربيع الاول دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويندا ۽ ميلاد جي محفلن دوران پوري سيڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)جشن عيد ميلادالنبي مذهبي عقيدي ۽ احترام سان ملهائڻ جي سلسلي ۾ هڪ اجلاس ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو جي صدارت ۾ سنڌس آفيس جي دربار هال ۾ ٿيو ان موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو : ڊپٽي ڪمشنر ربيع الاول بابت اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سموري معلومات ميڊيا

ذريعي عوام تائين پهچي

ٿي : ڊي سي ٿرپارڪر

ڇاڇرو(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو آهي ته ميڊيا رياست جو چوٿون ستون آهي ۽ اڄ جي دنيا ۾ ميڊيا جو ڪردار انتهائي اهم آهي ۽ سموري معلومات ميڊيا ذريعي عوام تائين پهچي ٿي، هن چيو ته ٿرپارڪر جي مسئلن جي حل لاءِ اوهان جي رهنمائي ۽ سهڪار جي ضرورت پوندي، اهڙن خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ضلعي جي بهتري ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز

ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون آفيسر نوشهروفيروز کي شهر ۾ صفائي سٿرائي جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي هدايت

ايڪسين ايريگيشن کي چيو ته واهن جي ٽيل تائين نهري پاڻي پهچايو وڃي، انشاءالله امن امان جي صورتحال بهتر ٿي ويندي : ايس ايس پي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر محمد اسلام سليم ضلعي جي آفيسرن سان تعارفي اجلاس ۾ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪن. هر ڪو اچ ضلعي جي سمورن کاتن جي سربراهن سان تعارفي اجلاس ۾ ... ته هو پنهنجو ڪم محنت ۽ ايمانداري سان ڪن. هن ضلعي هيلٿ آفيسر ۽ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

وارھ ٽائون انتظاميه جي نااهلي ۽ غفلت سبب صفائي سٿرائي جو نظام درهم برهم

انساني زندگي مفلوج بڻيل گهٽين ۽ نالين جو گندو پاڻي بيهڻ سبب نه صرف شهرين کي اچ وڃ ۾ تڪليفن ۾ مبتلا

مڇرن جو پڻ آزار وڌي ويو جنهن سبب مليريا ۽ ٻي وبائي بيماري جي صورت اختيار ڪري رهي آهي

محلي واسين جي زندگي عذاب ۾ مبتلا محلي واسين پاران احتجاج ڪيو ويو، نوٽيس وٺي واهر ڪرڻ جي اپيل

وارھ(رپورٽ طالب حسين چانڊيو)وارھ ٽائون انتظاميه جي نااهلي ۽ غفلت سبب صفائي سٿرائي جو نظام درهم برهم انساني زندگي مفلوج بڻيل گهٽين ۽ نالين جو گندو پاڻي بيهڻ سبب نه صرف شهرين کي اچ وڃ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي، ۽ مڇرن جو پڻ آزار وڌي ويو جنهن سبب مليريا پڻ وبائي بيماري جي صورت اختيار ڪري وئي آهي، وارڊ نمبر گل شاه محلا ۾ گدڙيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

وارھ : انتظاميه جي نااهلي سبب ٽيل گندگي جو ڍيڪ

شڪارپور : وفاقي محتسب

اعجاز احمد قريشي ايشيائي

محتسب جو صدر چونڊجي ويو

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ايشيائي محتسب جو صدر چونڊجي ويو. وفاقي محتسب سکر جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه پاران مبارڪباد ڏني وئي. بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس اينڊ سال ٽيندو ۽ جنرل اسيمبلي 2025ع ۾ چين ۾ ٿيندي. وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

مانجهند جي ڪول مائنز مان ٻن سڳن ڀائرن سميت ٽن پورهيتن جا لاش نه نڪري سگهيا

مچرجي جنريٽر هاليج مشين ڊيزل کي باهيون ڏيڻ دوران باهه ۾ سڙي زخمي ٿيل پورهيت رئيس پنهل به فوت ٿي ويو

ست ڏينهن اڳ ڊهيل پورهيتن جا لاش ڪڍرائڻ ۾ انتظاميا مڪمل ناڪام ٿي وئي، وارث سخت پريشان

ڪمپنين کي مزدورن جي صحت ڪاڻ جي مرمت ملازمن جي پگهارن تجربي سهولتن بابت جاچ ڏيڻ جو ليٽر جاري

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند جي سنڌ ڪول مائنز ڪاڻ ۾ 7 ڏينهن اڳ ڊهيل ٻن سڳن ڀائرن سميت ٽن پورهيتن جا لاش نه نڪري سگهيا، 4 ڏينهن اڳ احتجاج دوران باهه جو سڙي زخمي ٿيل پورهيت به فوت انتظاميا بي وس بڻيل، تفصيل موجب مانجهند جي سنڌ لاکڙا ڪول مائنز جي بلاڪ 4 ۾ 7 ڏينهن اڳ ڪاڻ ۾ پڪ ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڊهيل ٻن سڳن ڀائرن سميع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانواهڻ ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

شهيد غلام فاطمه ڦرڙو جي خون سان انصاف جي لاءِ پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير جي صحافين پاران احتجاج ڪيو ويو

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي : مظاهرين جون دانهون

شهيد صحافي جان محمد مهر قاتل گرفتار ڪيا وڃن ۽ شهيد غلام فاطمه ڦرڙو جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ، شهيد غلام فاطمه ڦرڙو جي خون سان انصاف جي لاءِ پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير جي صحافين پاران احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانواهڻ :صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر انتظاميا جي مجرمانه

غفلت، ڪليل مين هول شهرين

جي زندگين لاءِ خطرو بڻجي ويا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن، پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ، سکر جي چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن جي مجرمانه غفلت ۽ لاپرواهي سبب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جا مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن. گدڙيل ڪيترن ئي مهينن کان اڪثر علائقن ۾ ڪليل مين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين شهر جي سيد برادري جي عورتن مردن پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پيرعالي شاهه ڪوٽ جي رهواسي رجب علي شاهه پنهنجي گهر جي عورتن مردن سميت بدين پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو

پوليس چادر چوديواريءَ جو تقدس پائمال ڪري گهر ۾ داخل ٿي منهنجي گهرواري ۽ نياڻين کي مارڪٽ ڪئي آهي : مظاهرين

پوليس منهنجي بيگناهه پٽ صالح محمد شاهه کي ڪنيي کڻي وئي آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي سيد برادري جي عورتن مردن پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر تفصيل موجب پيرعالي شاهه ڪوٽ جي رهواسي رجب علي شاهه پنهنجي گهر جي عورتن مردن سميت بدين پوليس جي زيادتين خلاف بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي هن صحافين جي اڳيان دانهيندي چيو ته بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهوٽڪي ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جون 4 سالن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج جاري

ميونسپل ڪاميٽي جي مين گيٽ اڳيان شاهه لطيف ايمپلائيز يونين يونٽ جي اڳواڻ رائو سڪندر علي، عثمان ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

90 ڏينهن واري رپورٽ کي 4 سال گذري ويا رپورٽ پيش نه ڪئي وئي آهي، جنهن سبب پگهارون نه ملي سگهيون آهن : مظاهرين

جمهوريت جي دور ۾ اسان سان وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي سياسي بنياد تي پگهارون بند ڪيون ويون آهن، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

گهوٽڪي(رپورٽ لالچند موٽواڻي) گهوٽڪي ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جو چار سالن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج جو سلسلو جاري رکندي ميونسپل ڪاميٽي جي مين گيٽ اڳيان شاهه لطيف ايمپلائيز يونين يونٽ گهوٽڪي جي اڳواڻ رائو سڪندر علي عثمان ملڪ سهراب کلوڙ عبدالحفيظ لولائي سهراب کلوڙ امداد رند مٺا ملڪ احمد ڪلادي زاهد ميراڻي منور کلوڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گهوٽڪي : ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد : سيري ٽائي جي چيڪ

پوسٽ ڪيٽل ڪالوني ۾ ڦرن ۽

چورن جي واردتن ۾ گهٽتائي

حيدرآباد(رپورٽر)سيري ٽائي جي چيڪ پوسٽ ڪيٽل ڪالوني ايٽ ڪنڊ انچارج نثار احمد ميمڻ جي اچڻ ڪانپوءِ علائقي ۾ امن امان قائم ماضي ۾ ٿيندڙ ڦرن ۽ چورن جي واردتن ۾ ڪافي حد تائين ڪمي ٿي آهي، علائقي مقين پڻ انچارج پوسٽ ڪيٽل ڪالوني نثار صاحب جي اچڻ کان پوءِ انهن جي ڪارگردگي مان ڪافي متاثر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان منشيات فروشن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

منشيات فروشن ۽ عادي مجرمن گندن عناصرن خلاف خلاف ضلعي اندر ڪاروايون جاري

مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ديسي شراب سميت وڏي مقدار ۾ مين پڙي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

قبضي مان ڏهه ليٽر تيار ٿيل ديسي شراب ۽ 60 ليٽراڻ تيار ٿيل ديسي شراب برآمد

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه ضلعي اندر منشيات فروشن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو، ايس ايس پي جي هدايت منشيات فروشن ۽ عادي مجرمن گندن عناصرن جي خلاف خلاف ضلعي اندر ڪاروايون جاري، مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ديسي شراب سميت وڏي مقدار ۾ مين پڙي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ، پوليس ترجمان مطابق/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

وارھ پرسان ۾ معصوم پينيرين ٻارن جي ٿلاءِ ۾ هنجندي ٻڏي ويون

ٻڏي ويل نينگرن عاشل، ڌيءُ محمود ابڙو ۽ زريا ڌيءُ محمود ابڙو کي اسپتال آندو ويو

هن وقت ٻنهي ننڍڙين جي زندگي خطري کان ٻاهر آهي : ڊيوٽي ڊاڪٽر

وارھ(رپورٽ) ڳوٺ کوڙو ۽ ٻه معصوم پينيرين ٻارين جي ٿلاءِ ۾ هنجندي ٻڏي ويون، ٻڏي ويل نينگرن عاشل ڌيءُ محمود ابڙو ۽ زريا ڌيءُ محمود ابڙو کي بيهوشي واري حالت ۾ تعلقه اسپتال وارھ آندو ويو، جتي سندن کي فرسٽ ايڊ ڏيئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين ۾ چانڊيا برادري جي ٻن گروپن ۾ جهيڙو، هڪ مرڻينگ

علي حيدر چانڊيو، سڪندر چانڊيو، علي نواز چانڊيو، يار محمد چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جوابدارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي : مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) چانڊيا برادري جي ٻن گروپن ۾ جهيڙي ۾ هڪ مرڻينگ، پريس ڪلب اڳيان احتجاج انصاف جو مطالبو ... علي نواز چانڊيو ۽ يار محمد چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين : چانڊيا برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ اي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي، ڪوچ هلائيندڙ ڊرائيور گرفتار

ڪوچ جا ڪاغذ نه هجڻ سميت هٿ آيل سان جا تفصيلي بل نه هجڻ تي ڊرائيور مٿان ڪيس داخل

الاحسان ڪوچ کي تيز رفتار، اڻ ڏنگي ۽ لاپرواهي سان ايندي ڏسي روڪي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو هو

شهدادڪوٽ(ڊ ر)اي سيڪشن پوليس جي ڪارروائي، لاپرواهي سان ڪوچ هلائيندڙ ڊرائيور کي گرفتار ڪري مٿس غفلت ۽ لاپرواهي جي قلم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مستحق ۽ لاچارن جي مدد اولين ترجيح آهي : اي ڪي لاشاري

هر مستحق جي جائز مدد ڪئي ويندي، عشر ۽ زڪوات جا فنڊ جاري ڪرائڻ لاءِ لکپڙهه جاري آهي

ايڪسري سميت ٻيون ٽيسٽون عشر ۽ زڪوات جي فنڊ مان فري ڪرائي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو آهيان

شڪارپور (ڳالهه ٻولهه: عبدالخالق سومرو) مستحق ۽ لاچارن جي مدد اولين ترجيح آهي هر مستحق جي جائز مدد ڪئي ويندي عشر ۽ زڪوات جا فنڊ جاري ڪرائڻ لاءِ اختيارين سان لکپڙهه جاري آهي، شڪارپور جي نشين مقرر عشر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ڪارروايون، گودام سيل ڪري ڇڏيا

اسسٽنٽ ڪمشنر شهر ۾ ڪارروايون ڪري ڪڻڪ، اٽو ۽ پاڻ جو ٻرويون هٽ ڪري گودام سيل ڪيا

ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافع خورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي : اسسٽنٽ ڪمشنر

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ)ڊپٽي ڪمشنر محمد خان پنگوار پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو اسد علي خان جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو : اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاپا هڻي رهيو آهي

دادو : گاج بند رولڙي جو شڪار، علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر

انتظاميه ڪاڇي جي هزارين ماڻهن جي زندگين جي سوداگر بڻجي وئي

انتظاميه ڪاڇي جي هزارين ماڻهن جي زندگين جي سوداگر بڻجي وئي

دادو(ٻ)گاج بند رولڙي جو شڪار علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر ضلع دادو جي پسمانده علائقي تعلقي جوهي جي ڪاڇو ۾ گاج بند انتظاميه ڪاڇي جي هزارين ماڻهن جي زندگين جي سوداگر بڻجي وئي، ٻوڏن ۾ تباهه ٿيل گاج بند منصوبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پيپلزپارٽي سنڌ کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو آهي : لال جروار

ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌي عوام کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي

بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽي سنڌ جو سودو ڪيو آهي

سجاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو)ساموندي پٽي تي قبضن، زمينن جي نيلامي، بوگس آدمشماري ۽ ڌاڙيل راڄ خلاف 17 سيپٽمبر تي ٺٽي شهر ۽ 22 سيپٽمبر تي سجاول شهر ۾ عوامي تحريڪ جي اعلانيل احتجاجي ريلين ۾ عوام/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سجاول : لال جروار ۽ ٻيا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

نوشهروفيروز جي عدالت صحافي منظور ملڪ کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪڇهه شريسندن پاران ڌمڪيون ملڻ بعد صحافي منظور ملڪ تحفظ لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو

ايڊيشنل سيشن جج ٽرڊ قمرالدين عباسي مونکي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ آرڊر جاري ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي ايڊيشنل سيشن جج قمرالدين عباسي جي عدالت سينيئر صحافي منظور ملڪ کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ڪڇهه شريسندن پاران ڌمڪيون ملڻ بعد صحافي منظور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ ڌوڙهارين ۽ مبينا پوليس مقابلو، هڪ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار لکين روپيا ڪيش ۽ قيمتي موبائيل فونز ۽ ٻيو سامان کڻي موقعي تي فرار ٿي ويا هئا

زخميءَ ڌوڙهاري جي قبضي مان پسٽول ۽ گوليون ميگزين هٿ ڪيون ويون آهن : پوليس

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي ويجهو جانگهڙو ٽائي جي حد ڪندي فارم وٽ پوليس ۽ ڌوڙهارين ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ ڌوڙهاري زخمي، حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا، هٿيار هٿ، ٻه فرار، سکر پوليس پاران جاري ڪيل بيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي ۾ هومين رائيٽس جسٽس آرگنائزيشن پاران احتجاج

ٽيل عشائيه ملڪ جي خون سان انصاف ڪير ڪندو : مظاهرين جون دانهون

ڏهه ڏينهن گذري ويا اڃا تائين ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي

ڪراچي(باغي ساگر پنهور) هومين رائيٽس جسٽس آرگنائزيشن ڪراچي ڊويزن جي صدر هارون جمالي بهار فرائڊويشن جي چيئرمين سڄل وڏو صاحب سنڌ آباد جي باني پير فرخ جان سرهندي جي اڳواڻي ۾ جمالي ٻل پرسان احتجاج ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي :هيومين رائيٽس جا اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

سجاول ۾ بجلي جا بل جمع ڪرائڻ ۽ غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف ڪري ڊائون شروع

حيسڪو عملي پاران ايس ڊي او امتياز گل بروهي ۽ سپريڊينٽ لائين مين شيرزمان سهتو جي اڳواڻي ۾ شهرين کي آگاهي ڏني وئي

ٽن ڏينهن اندر پنهنجي بجلي جا بل جمع ڪرائين ۽ جيڪا به غيرقانوني ڪنيڪشن لڳل آهن انهن کي هٽائي ميٽر لڳايا وڃن : عملدار

شهرواسين کي ٽن ڏينهن اندر پنهنجي بجلي جا بل ادا ڪرڻ ۽ غيرقانوني ڪنڊا هٽائڻ لاءِ اطلاع ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي

سجاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو)سجاول ۾ حيسڪو بجلي جا بل جمع ڪرائڻ ۽ غير قانوني ڪنڊا ڪنيڪشن هلائيندڙن خلاف ڪري ڊائون شروع ڪري ڇڏيو، سجاول ۾ حيسڪو عملي پاران ايس ڊي او امتياز گل بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سجاول : انتظاميه پاران بجلي چورن خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

ٺٽون ديرو ۾ پيپلزيوٿ لاڙڪاڻي ۽ سکر ڊويزن جو

ورڪرز ڪنوينشن پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر

اڳوٽي ايم اين اي خورشيد جوڻيجو ۽ ٻين جي شرڪت

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) پيپلز يوٿ لاڙڪاڻي ۽ سکر ڊويزن جو ورڪرز ڪنوينشن ٽائون هال ٺٽون ديرو ۾ پيپلز يوٿ سنڌ جي صدر جاويد ناياب لغاري جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر اڳوٽي ايم اين اي خورشيد جوڻيجو، ضلعي ڪائونسل چيئرمين اعجاز احمد لغاري خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ سجاڳي فورم پاران ساڃاهه وندن جي قتل ۽ اغوا انڊسٽري خلاف احتجاج

سنڌ ۾ ساڃاهه وندن جو بي رحمانڻو قتل عام ۽ ڌاڙيلن جي پاران قائم ڪيل اغوا انڊسٽري انتهائي قابل مذمت آهن : مظاهرين

شهيد جان محمد مهر فاطمه ڦرڙو جو قتل ۽ تازو شهيد افضل لنڊ جو قتل سنڌ جي امن لاءِ وڏو چيلنج آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ سجاڳي فورم پاران ساڃاهه وندن جي قتل ۽ اغوا انڊسٽري جي خلاف بدين ۾ پيادل مارچ ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن شفقت آزاد باغي ستار مغيري ذيشان انصاري باغي صنم نهڙيو ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۾ ساڃاهه وندن جو بي رحمانڻو قتل عام ۽ ڌاڙيلن جي پاران قائم ڪيل اغوا انڊسٽري انتهائي قابل مذمت آهن هنن چيو ته شهيد جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ پ پ شهيد ڀٽو پاران احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

اڳواڻن شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس ساٿين جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن خلاف احتجاج ڪيو

اڳواڻن بک هڙتال ڪئمپ تي احتجاج ڪندي قاتلن کي سزا ڏيارڻ تائين عوامي جدوجهد جاري رکڻ جو وچن ڪيو

شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو ۽ ساٿين کي قتل ڪندڙ قاتلن کي ڪيفرڪردار سزا ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي وڃي : مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻن غلام نبي جمالي، صمد عباسي، زين گهلو، وحيد سولنگي، پانڌي خان چانڊيو، رزاق جمالي ۽ ٻين اڳواڻن شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس ساٿين جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن خلاف احتجاج ڪيو هنن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اپيل ڪيون ٿا ته شهيد ميرمرتضيٰ ڀٽو ۽ سنڌس ساٿين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو : پ پ ش ڀ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانواهڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت

شاخ جي دستوري ڪچهري،

تخليقون اصلاح لاءِ پيش

خانواهڻ(رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو)خانواهڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي دستوري ڪچهري ڪراچي کان کهي آيل سنڌ جي سدا بهار شاعر، اديب ۽ ليکڪ وفا سيال جي زير صدارت ۾ ٿي گذري، ڪچهري جا مهمان خاص شاخ خانواهڻ جو ڪائونسلر عاجز امتياز نوح پوٽو ۽ پرويزحسين پنڌ هئا، جڏهن ته اعزازي مهمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏوڪري ۾ خانگي اسڪول جي ماسترياڻي بسما ڀڳيو جي ڏاڏي پاران احتجاج

اسان جي نياڻي بسما ڀڳيو کي حاجي نظير احمد ڀڳيو يرغمال بڻائي ڪوڙا ڊراما ڪرائي رهيو آهي : پيرسن

پهرين نبن علي ڀڳيو پاڪ ڪتاب کڻي اسان وٽ آيو هو ۽ بسما ڀڳيو جي پيءُ برڪت ڀڳيو رشتي ڏيڻ تي راضپو ڪيو

حاجي نظير احمد ڀڳيو کي رشتي ڏيڻ جي خبر پئي ته بسما ڀڳيو کي يرغمال بڻائي ڪوڙن تي ٻڌل ڊرامو رچايو ويو آهي

ڏوڪري(رپورٽر) خانگي اسڪول جي ماسترياڻي بسما ڀڳيو جي ڏاڏي محمد سڄل ڀڳيو ڏوڪري پريس ڪلب ۾ صحافين اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسان شريف خانداني ماڻهو آهيون اسان جي نياڻي بسما ڀڳيو کي حاجي نظير احمد ڀڳيو يرغمال بڻائي ڪوڙا ڊراما ڪرائي رهيو آهي، هن چيو ته ڳوٺ ڀلهڙيجي جي رهواسي نبن علي ڀڳيو جي پٽ ڪاشف ڀڳيو سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر يونين آف جرنلسٽس پاران شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ خلاف بک هڙتال

يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار، نائب صدر خالد ڀانبڻ، جنرل سيڪريٽري اختر رضوي ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

شهيد صحافي جان محمد مهر جي واقعي کي 31 ڏينهن گذري ويا آهن پر قاتلن کي اڃا تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي : مظاهرين

جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي علامتي بک هڙتال شروع ڪئي وئي آهي، قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس پاران شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. بک هڙتال ڪيمپ ۾ سول سوسائٽي جي نمائندن پڻ شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر :صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مڪلي پرسان ڳوٺ خداڏنو

پالاري جي رهواسين پاران

احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

غلام الله(رپورٽر)مڪلي پرسان ڳوٺ خداڏنو پالاري جي رهواسين صفر پالاري رشيد پالاري خداڏنو پالاري ۽ ٻين پريس ڪلب غلام الله ۾ صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته لينڊ مافيا قبضي خور ياسر ٻبر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڪوڙن ڪاتن ذريعي اسان ڳوٺاڻن کي بيدخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گهوٽڪي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

ليڊي هيلٿ ورڪرن کي مهم ۾ شامل ڪرڻ سميت مائڪرو پلان تي ڌيان ڏنو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

پوليس مهم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ يونين ڪائونسل سطح تي سخت نگراني جي ضرورت آهي

سمورن ويڪسينيٽرن کي پابند ڪيو وڃي ته هو نون ڄاول ٻارڙن کي لازمي طور تي حفاظتي ٽڪا لڳائن

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان چيو آهي ته ضلعي ۾ پوليو مهم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ سمورن ليڊي هيلٿ ورڪرن کي مهم ۾ شامل ڪرڻ سميت مائڪرو پلان تي ڌيان ڏنو وڃي ۽ روٽين اموناٽيزيشن کي يقيني بڻايو وڃي، اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس جي ڪاميٽي روم ۾ پوليو مهم جي حوالي سان هڪ اهم ڪچهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

16 سالن کان سماجي ڪم ڪري رهي آهيان : رباب جعفري

دادو ضلعي اندر وومين ايمپاورمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۾ سماجي حوالي سان ڪم شروع ڪيو

ضلعي اندر عورتن کي صحت ۽ زندگي گذارڻ لاءِ سماجي تنظيمن کي اڳتي اچڻ جي سخت ضرورت آهي

مون سافڪو آرگنائزيشن ڊسٽرڪٽ مئنيجر طور پنهنجا فرائض انجام ڏئي چڪي آهيان

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي اندر انساني حقوق جي حوالي سان ڪم ڪندڙ رباب جعفري دادو پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 2007 کان دادو ضلعي اندر وومين ايمپاورمينٽ اينڊ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۾ سماجي حوالي سان ڪم شروع ڪيو جيڪو هن وقت تائين جاري آهي، 2010 کان ڪرين انٽرنيشنل سماجي تنظيمن سان ڪم شروع ڪيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو :انساني حقن بابت ڪم ڪندڙ رباب جعفري ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سکر انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي ناقص

منصوبابندي، ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ جا

منصوبا اڃا تائين مڪمل نه ڪيا ويا

سکر(بيورو رپورٽ)سکر انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن جي ناقص منصوبابندي، ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا اڃا تائين مڪمل نه ڪيا ويا، رستن ۽ رستن سميت ڊرينيج سسٽم تباهه ٿي ويو، شهري سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن، سماجي حلقن ۾ خدشا، چيف جسٽس آف پاڪستان کان نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

رتوديرو: ناليوارو اديب ۽ شاعر ارشاد سولنگي جيري جي بيماري ۾ مبتلا

شاعر ارشاد سولنگي غربت سبب علاج کان محروم، ڪنهن به سنڌس سار نه لڌي

پلوڙ شاعر جو سرڪاري خرچ تي ڪرائي سندس حياتي بچائي وڃي : سڄاڻ ڊريون

وارث ڏنو ماڇي ۽ رتيديري جي صحافين جو ٿورائتو آهيان جن اچي سار لڌي آهي : ارشاد سولنگي

نئون ديرو(رپورٽر) رتوديرو: ناليوارو اديب ۽ شاعر ارشاد سولنگي جيري جي بيماري ۾ مبتلا، غربت سبب علاج کان محروم. وارثڏنو ماڇي شهر جو رهواسي رٽائرڊ پرائمري استاد پلوڙ شاعر ۽ اديب بيماري سبب هلڻ ڦرڻ کان به لاچار علاج تي رٽائرمينٽ جا پئسا به خرچ ڪري ڇڏيا پر فائدو نه پيو وڌيڪ علاج ڪرائڻ جي سگهه نه آهي: ارشاد سولنگي ارشاد سولنگي پلوڙ شاعر آهي ثقافت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 14 سيپٽمبر 2023ع

سنڌ ۾ شروع ٿيل ٽارگيٽ ڪلنگ

خيرپور ناٿن شاهه جي رهواسي قومي ڪارڪن افضل لُنڊ کي ٺنڊي آدم ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن قتل ڪري ڇڏيو ۽ بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي فرار ٿي ويا. مقتول نوجوان هڪ نجي بينڪ ۾ نوڪري ڪندو هو. وارثن پوليس جي جاچ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ تي بي اعتمادي ۽ خدشن جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. قومي ڪارڪن جي ٽارگيٽ ڪلنگ خلاف مختلف هنڌن تي احتجاج ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۾ امن دشمن قاتل ٽولا روڊن رستن تي، شهرن ۾ ۽ شاهراهن تي، "آدم بُوءِ، آدم بُوءِ" ڪندا پيا هلن ۽ اهي بنا ڪنهن روڪ ۽ رنڊڪ جي ماڻهو ماري هليا ٿا وڃن، جن جي ڪٿي به قانون رستي روڪ نٿو ڪري. سُهائي سڄ ڏينهن ڏٺي جو، قتل جون وارداتون ٿي رهيون آهن. شهرن ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائون هجڻ جي باوجود قانون جو هٿ قاتلن تائين پهچي نٿو سگهي. رياست ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت واري آئيني ذميواري پوري ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي ماڻهو روڊن تي هٿيار ڪٽيو پيا هلن. پر چيڪنگ جي ڪنهن به پوائنٽ تي انهن جي پڪڙ نٿي ٿئي. ٺنڊي آدم جي وچ شهر ۾ چوڪ تي سياسي ڪارڪن افضل لُنڊ ٽارگيٽ بڻائي قتل ڪيو ويو آهي. پر حيرت جي ڳالهه اها آهي ته پوليس ترت ناڪابندي ڪندي جوابدارن کي پڪڙڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي آهي. عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي ڇتي ٻڌجي پلجندڙ پوليس جي نااهل نفري آخرڇا پئي ڪري؟ وارثن جي پهچڻ کان اڳ ئي پوليس مقتول افضل لُنڊ جو پوسٽ مارٽم ڪرائي ڇڏيو، جنهن تي پڻ مقتول جي وارثن اعتراض واريندي پوليس تي بي اعتماديءَ جو اظهار ڪيو آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته ايف آءِ آر به سندن مرضيءَ موجب داخل ٿيڻ گهرجي. اسان سمجهون ٿا ته پوليس سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪري ته افضل لُنڊ جا قاتل آسانيءَ سان ٽيڪنالاجي جي استعمال سان پڪڙجي سگهجن ٿا. خبرن موجب، مقتول افضل لُنڊ کي فون ڪال آئي، جنهن تي هو جاٽايل هنڌ تي پهتو ته مٿس حملو ٿيو. مقتول افضل لُنڊ جو موبائل فون پوليس وٽ آهي، جنهن مان ڪال ڪندڙ جو نمبر ۽ ان جي سڃاڻپ جي خبر پئجي سگهي ٿي پر پوليس ان حوالي سان چپ سبيو ويٺي آهي. جنهن ڪري ماڻهن ۾ شڪ شبها وڌڻ فطري ڳالهه آهي ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ به پ پ پ جي ٻن ڪارڪنن کي ٽارگيٽ بڻائي قتل ڪيو ويو هو اڪثر ڪيسن ۾ پوليس ماڻهن کي نشانا ڇتي مارينڊڙن تائين پهچي ناهي سگهندي يا ڪن مصلحتن سبب پهچڻ ناهي چاهيندي. جنهن جو مثال اهو آهي ته اجمل ساوند ۽ جان محمد مهر جا مکيه قاتل اڃا تائين قانون جي پڪڙ ۾ اچي نه سگهيا آهن. ائين محسوس ٿيندو آهي ته عوام جي تحفظ لاءِ ذميوار ادارا سماعت ۽ بصارت کان محروم ٿي ويا آهن. جو انهن کي قاتل نظر ئي نٿا اچن. افضل لُنڊ سياسي ڪارڪن هو. جنهن جو تعلق ايم آر ڊي جي شهيدن واري شهر خيرپور ناٿن شاهه سان هو. ٺنڊي آدم پوليس جي جيڪا نااهلي شروعات ۾ ئي نظر آئي آهي، تنهن مان ته اهو ظاهر ٿو ٿئي ته. پوليس بيحسيءَ جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ پوليس جي جاچ تي مقتول افضل لُنڊ جا وارث به تحفظات جو اظهار ڪري چڪا آهن. ان ڪري مقتول جي وارثن جي اها گهر حقي واجبي آهي ته. ان قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي.

اڄڪلهه جديد ٽيڪنالاجي جو دور آهي. ڏوهن جي جاچ جا پراڻا طريقا متروڪ ٿي ڪا آهن. ٽيڪنالاجي جي مدد سان ئي درست رخ ۾ جاچ ممڪن ٿي سگهندي. موبائل فون جي فرانزڪ رپورٽ هجي يا جيو فينسنگ جو طريقيڪار، ٽيڪنالاجي جي مدد سان قاتلن تائين قانون جي هٿ جي رسائي ممڪن آهي، ڇو ته ٽيڪنالاجي جون شاهديون ناقابلِ ترديد هونديون آهن. ان ڪري جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري قاتلن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي. قتل جي ايف آءِ آر وارثن جي مرضيءَ موجب داخل ڪئي وڃي.

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻُ؛
جُلَ، وِڃائي جاڻُ، عاشقَ! اَجَلَ سامهُون.

"اسين سوجهرو آهيون"

تحرير: شازيه مظهر

ڪائونسلنگ سينٽر ۾ پنهنجي هڪ پراڻي ساهيڙي سميرا سان ملڻ جو پروگرام ٺاهيو سميرا کي شروع کان ئي ٻارن جي نفسيات کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هيو. هن فيلڊ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ هن پرڏيهه مان تعليم به حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هن ڪراچي ۾ هڪ ڪائونسلنگ سينٽر "پنهنجي ٻارن کي سمجهو" جي نالي سان کوليو ان ڪائونسلنگ سينٽر ۾ هوءَ غريبن جي ٻارن جو علاج مفت ڪندي هئي. مزي جي ڳالهه چوان يا ستم ظريفي ته غريبن جا ٻار هن سينٽر ۾ ايندا ئي ڪونه هيا ڇو جو انهن جي مائٽن ۾ تعليم جي گهٽتائي سبب اهو شعور ئي ڪونه هوندو آهي ته ٻارن ۾ ڪهڙي نفسياتي تبديلي اچي پئي ۽ هن کي ڪيئن ڏسجي هو انهيءَ تبديلي کي ڪنهن جن ڀوت يا غيبائت سان منسوب ڪري ڇڏيندا آهن.

خير آئون هن جي سينٽر ۾ جيئن پهتس ته مونکي عجيب آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هال ۾ داخل ٿيس ته ڏسان ڪور سارا ٻار موجود هئا پر سڀ وڏي گهرائي سان تعلق رکندڙ پئي لڳا. ڪنهن کي صفا خاموش ڏٺم، ڪو وري پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي پيو هڪ ٻار لاڳيتو ڇت ۾ پئي نيهاريو اهو سڀ ڏسي دل تمام گهڻي اداس ٿي وئي. ڪجهه ٻارن کي ڏسي ايئن لڳو ته جڻ انهن جي هٿ ۾ موبائل فون هجي ۽ اهي هٿن جي اشارن سان فون هلائيندي نظر پئي آيا. اهو سڀ ڏسي مون محسوس ڪيو ته ٻارن جو حد کان وڌيڪ موبائل هلائڻ ڪيڏو نقصان پهچائيندڙ آهي. انهن ۾ هڪ ٻار جيڪو لڳ ڀڳ تيرهن چوڏهن سالن جو پئي لڳو، سو هر هر پنهنجي شلوار کي پڪڙي پيو ۽ هڪ ئي جملو پئي ورجايو ته منهنجي شلوار کي نه لاهيو سندس مائٽ صفا غريب ۽ ابوجهه پئي لڳا، ماءُ جا ڳوڙها ڏسي مونکي پريشاني ٿي، مون انهن کان پڇيو هن کي ڇا ٿيو آهي. هي ايئن ڇو پيو ڪري؟ سندس صفا سادي ۽ اڻ پڙهيل ماءُ هئي، ٻڌائي پئي ته امان منهنجي پٽ کي جن جو اثر ٿي پيو آهي ڇو ته هن جو پيءُ زوريءَ شهر وٺي آيو آئس، هاڻي هي چون ٿا ته هن سان ڪو غلط ڪم ٿيو آهي. ايتري ٻار سان ڪير غلط ڪندو امان تون ٻڌاءِ.

آئون اهو سڀ ٻڌي سڪتي ۾ اچي ويس. هن مائي کي ڇا چوان ته تون هڪ سادي ابوجهه مائي آهين، توکي ڪهڙي خبر هن دنيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ڪيئن رهزن گهمن ٿا ڪيئن سوشل ميڊيا تي ننڍڙن ٻارن جا فوٽو ڪٺي اگهاڙيون وڊيوز ٺاهيون پئي وڃن ۽ بدقسمتي سان اسان جو ملڪ هن ۾ سڀ کان اڳتي آهي. جنهن ملڪ جو بنياد اسلام جي نالي تي هجي ۽ اهو ملڪ گندي ۽ غليظ حرڪتن ۾ پنهنجو ريڪارڊ ٽوڙي چڪو آهي. هن ويچاريءَ کي ڪهڙي خبر ته جن مدرسن ۽ درسگاهن ۾ اسان جا پنهنجا ٻار اهو سوچي موڪليا ويندا آهن ته اهي هڪ ڏينهن سٺا ماڻهو بڻجي نڪرندا. پر افسوس سان چوڻو ٿو ...

نالو محمود هو تنهن جي بيچيني ڏسي ٻاهر ويٺل اسسٽنٽ جلدي اندر موڪليائين. ماءُ پيءُ ٻئي سهڪندا سهڪندا پنهنجي پٽ کي اندر وٺي ويا، جنهن جو هٿ لاڳيتو شلوار ۾ هو محمود کي ڏسي مونکي لڳو پيو ته سائنس تمام غلط ٿيو آهي ڇا ٿيو آهي، اهو سميرا سان ملڻ کان پوءِ خبر پئي. سميرا کي جيئن منهنجي خبر پئي، هن مونکي پنهنجي اسسٽنٽ جي ذريعي گهرايو پر مون منع ڪري ڇڏيو ڇو ته مونکي محمود جي باري ۾ معلوم ڪرڻو هو مان چاهيو پئي ته سميرا سيني کي اطمينان سان ڏسي وٺي پوءِ مونکي محمود بابت تفصيل سان ۽ سڪون سان ٻڌائي.

مونکي سميرا جي سينٽر جو نالو پسند آيو ته "پنهنجي ٻارن کي سمجهو" اسان ٻار ته پيدا ڪريون ٿا پر انهن کي سمجهڻ جي ڪڏهن به ڪوشش ناهيون ڪندا، سندن گهرجون ته پوريون ڪندا آهيون پر انهن جي من اندر جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي باري ۾ ڌيان ئي ناهيون ڏيندا. اندر جون ضرورتون انهن جي دل ۽ دماغ ۾ هلندڙ جنگ آهي، ٻار وڏي ڪشمڪش جو شڪار رهندا آهن. بظاهر خوش نظر ايندڙ ٻار پنهنجي اندر جي بيچيني کي ڪيئن ٺوهيندل ڪري اهو هو ٻارڙي ڄاڻي ٿو اسڪولن ۾ ايترو ٻار جو وزن ناهي هوندو جيترو سندن ڪتابن جي ٿيلهي جو وزن هوندو آهي ۽ اهو وزن زبردستي انهن جي معصوم ذهن ۾ وڌو ويندو آهي. هڪ مضمون جا ٽي ٽي ڪتاب ۽ نصاب اهڙو ڏکيو جو ٻار ويچارا پنهنجي ننڍپڻ سان ڪيڏڻ بدران سبق ياد ڪرڻ جي پريشاني ۾ ولجي ويندا آهن. ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها پريشاني انهن کي مختلف نفسياتي مرضن ۾ وڪوڙي ڇڏيندي آهي.

آئون سوچن ۾ الائي ڪٿي گم ٿي ويس. ايتري ۾ مونکي سميرا فون ڪري اندر گهرايو اندر ويندي ئي مون سميرا کان محمود جي بابت پڇا ڪئي. ڪير محمود سميرا کي حيرت ٿي ته هي ڪهڙي محمود جي باري ۾ پڇا پئي ڪري. يار سميرا، تو وارو پيشنٽ محمود جنهن کي تون ٿوري دير اڳ ڏٺو اوي يس يس ها يار محمود جي هڪ وڏي ڏکوئيندڙ ڪهاڻي آهي. ڏک ٿيندو آهي هن کي ڏسي هي هاڻي پوءِ به پهريان کان ٿورو بهتر ٿيو آهي. ٻڌائي نه ته ڇا ٿيو آهي اصل ۾ هن سان زيادتي سا به روز جي بنياد تي ٿيندي هئي. ڇا؟ جي ها. او ماءِ گاڊ پر ڪيئن.

هي جڏهن ستن اٺن ورهين جو هو ته توکي خبر آهي قدرتي طور هر ٻار ۾ هن عمر ۾ هارمونلز تبديليون ايندڙيون رهنديون آهن. ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌيڪ. اهڙي قسم جون هارمونلز تبديليون. ٻارن کي سيڪس جي طرف به متوجهه ڪنديون آهن ۽ هو هو پنهنجي پرائيويٽ پارٽس تي توجهه ڏيڻ شروع ڪندا آهن. هڪ ڏينهن محمود گهر ۾ ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ڪا غلط حرڪت ڪري رهيو هو سندس ماءُ جي نظر پئجي ويس. ماءُ ڪٽڻ شروع ٿي ويس ...

ويو ماءُ پيءُ ٻئي خوش هيا ته اسان جو ٻچڙو ديني تعليم پيو حاصل ڪري ۽ هڪ ڏينهن سٺو انسان ٿي موٽي ايندو انهن کي ڪهڙي خبر ته هو پنهنجي ٻار کي بگهڙن جي حوالي ڪري آيا آهن. هو ڇا ڄاڻن ته هي دنيا معصوم ٻارن لاءِ درنده صفت ٿي وئي آهي پر وحشين کان به وڌيڪ پوائتي. هتي درسگاهن ۾ پوءِ هو ديني هجن يا دنياوي، وحشي جانورن جي آماجگاه بڻجي چڪا آهن. محمود سان روز غلط ڪم ٿيندو رهيو ۽ هو اهو سڀ سهندو رهيو. ڪجهه پاراٿي عمر هيس. پر هڪ ڏينهن جڏهن پيءُ ڪافي عرصي کان پوءِ ملڻ آيس ته پٽ کي ڏسي رڙ نڪري ويس ڇو جو محمود صفا ڪمزور ۽ هلڻ کان لاچار پئي لڳو هن مولويءَ کي دانهن ڏيندي پڇيو ته هي منهنجي پٽ کي ڇا ٿي ويو آهي، ملي لاتعلقي جو اظهار ڪري ڪاوڙ مان چيس ته پنهنجي پٽ کي گهر وٺي وڃ، هي ڪنهن ڪم جو ڪونهي، عالم نٿو ٿي سگهي. قرآن شريف جي تعليم مان هي ڇا ڄاڻي. تنهنجو پٽ نياڳو آهي. نياڳو ته اصل ۾ ملو پاڻ هيو جنهن اسلام جهڙي مذهب کي رسوا ڪيو آهي.

گهر ۾ محمود صفا ماٺ رهڻ لڳو ۽ ننڊ ۾ رڙيون ڪندو هو ته مونکي ڇڏيو منهنجي شلوار نه لاهيو مونکي نه ماريو. ايئن ڪري ڪري هو صفا چريو ٿي پيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنائين. بس رڙيون ڪندو رهندو هو هن جي اها حالت ڏسي سندس چاچو جيڪو ڪراچي ۾ رهندو هيو ۽ ڪجهه پڙهيل لکيل هيو سو محمود کي سندس ماءُ پيءُ سان گڏ ڪراچي وٺي آيو. جتي هڪ هاسپٽل ۾ سندس طبي معائنو ڪرايو جنهن ۾ خبر پئي ته هن سان ڪافي عرصي تائين زيادتي ٿيندي رهي آهي. ڊاڪٽر علاج کان پوءِ هن کي ذهني صحت جي علاج لاءِ مشورو ڏنو ۽ محمود هن ريت مون وٽ آيو هن وقت محمود صفا ذهني طور ختم ٿي چڪو هو پر پوءِ به لاڳيتو ڪائونسلنگ کان پوءِ هي ڪجهه بهتر ٿيو آهي.

سميرا اهو سڀ ٻڌائي ٿڌو ساهه کڻي چپ ٿي وئي. پر منهنجي دنيا لٽي وئي مونکي هن دنيا کان نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. مون سميرا کي چيو ته هي دنيا ڪني آهي يار اهڙي دنيا ۾ جيئڻ جي حسرت ئي ختم ٿي وئي آهي. پر سميرا جي انهن جملن مون ۾ جيئڻ جو حوصلو پيدا ڪري ڇڏيو. ڏس، هيءَ دنيا ڀلي ڪني هجي، توکي اها ڪني ٿي لڳي ان جو مطلب تون سٺي آهين ۽ اهڙا ڪوڙ سارا ماڻهو هوندا. جنهن کي هيءَ دنيا ڪني لڳندي هوندي، ان جو مطلب ته هو سٺا آهن. پوءِ هي سٺا ماڻهو هن گندي دنيا کي سٺو به ته ڪري سگهن ٿا. اسان انهن وحشي حيوانن کي علم ۽ شعور جي مار به ته ڏئي سگهون ٿا اسان پنهنجي طريقي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا جيئن آئون محمود ...

تماش گاهه نتيجا ڏيندڙ ڪارروائي ضروري آهي

علي حسن

پاڪستان ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان ۾ نئين ڳالهه ڪهڙي آهي؟ ان ۾ اضافو ٿيندي ٿيندي ته قوم موجوده بحران جو شڪار ٿي وئي آهي. وسيلن کان محروم ماڻهو پوين پساهن ۾ آهن. اٽي جو بحران ۽ ذخيره اندوزي، کنڊ جو بحران ۽ ان جي ذخيره اندوزي، پاڻ جي ذخيره اندوزي، بجليءَ جي چوري، پوءِ آءِ ايم ايف جو مقرر ڪيل اگهه، ڊالر جو ذخيرو ۽ اسمگلنگ، کنڊ جي اسمگلنگ، ايران کان پيٽرول جي اسمگلنگ، اٽي جي اسمگلنگ وغيره وغيره. انهن سڀني شين قوم جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. اهو سڀ ڪجهه ...

01 بقايا

۾ چيف جسٽس هائوس کي خالي ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن موجب چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال ججز لاءِ مختص ڪيل گهر ۾ منتقل ٿي ويو آهي. نامزد چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ هلندڙ هفتي چيف جسٽس هائوس منتقل ٿي ويندو.

رليف جي حوالي سان پلان به پيش ڪيا پر عالمي مالياتي اداري اهي پلان رد ڪري ڇڏيا ۽ پنهنجي شرط برقرار رکيا. تازو ناڻي واري وزارت، توانائي واري وزارت ۽ عالمي مالياتي فنڊ وچ ۾ ڳالهيون ٿيون پر بجلي بلن تي رليف جي معاملي تي ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي ذريعن موجب آءِ ايم ايف پاڪستان کان بجلي ...

بقايا — سنڌيار — 01

بعد لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو، ڊاڪٽرن موجب ٻنهي ننڍڙين جي زندگي خطري کان ٻاهر آهي.

بقايا — سنڌيار — 02

چانڊيا برادري جي رهواسين علي حيدر چانڊيو، سڪندر چانڊيو علي نواز چانڊيو، يار محمد چانڊيو، دلبر چانڊيو، شان علي چانڊيو، ساگر چانڊيو ۽ عمران چانڊيو بدين پريس ڪلب پهچي مخالف ڌر جي ماڻهن محمد لائق چانڊيو، صدام چانڊيو، ناظم چانڊيو، ممتاز چانڊيو ۽ الطاف چانڊيو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام هنيو ته جاڳايل ماڻهن سروي زمين تي ويٺل معشوق چانڊيو تي لٺين ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري ڪيس مرٽينگ ڪري زبردستي گهر خالي ڪرائڻ لاءِ گهرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن جي رپورٽ بدين ماڊل ٿاڻي تي درج ڪرائڻ جي باوجود پوليس ملزمن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن آئي جي سنڌ، ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪري هنن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 03

ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته جشن عيد ميلادالنبي سڀني عيدن جي سردار عيد آهي جنهن کي ڀرپور عقيدي ۽ احترام سان ملهايو ويندو ان دوران مسجدن، مذهبي سرڪاري ۽ نجي عمارتن کي چراغان ۽ سينگاريو ويندو هن وڌيڪ چيو ته امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا ۽ حڪومت پاران مقرر ڪيل (ايس او پيز) ضابطہ اخلاق تي سختي سان عمل کي يقيني بڻايو ويندو فياض حسين راهوجو لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي شهر ۾ غير قانوني تجاوزات (قبضن) کي فوري طور ختم ڪري شهرن جي صفائي ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائين هن يقين ڏياريو ته لائيٽ ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ کي ختم ڪرايو ويندو. ان موقعي تي مختلف فرقن جي عالمن انتظاميا کي پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. گڏجاڻيءَ ۾ نئين مقرر ايس ايس پي شبير سيٺار چيو ته هن ڀلاري مهيني ربيع الاول دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويندا ۽ ميلاد جي محفلن دوران پوري سيڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي. گڏجاڻيءَ ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سميع الله وڳڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر جوهي محمد ياسين عباسي، ميهڙ ۽ خيرپورناٿن جا اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت مختلف کاتن جي عملدارن ۽ مختلف فرقن جي عالمن سميت شرڪت ڪئي ان کان اڳ نئين مقرر ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ۽ ايس ايس پي شبير سيٺار پاران ضلعي جي آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي جي صدارت ڪئي جتي سڀني آفيسرن جو تعارف ڪرايو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ڪاڻ سنڌن کاتن جي ڪم ڪار بابت معلومات ورتي ۽ ڪين هدايت ڪئي ته اسان کي عوام جو خادم ٿي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام کي لاب ملي سگهي هن چيو ته ڪم جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ عوام کي توهان جا بهتر نتيجا نظر اچڻ گهرجن

بقايا — سنڌيار — 04

جو اظهار هن اج ڊي سي ڪانفرنس هال مٺي ۾ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي نمائندن سان تعارفي گڏجاڻي جي موقعي تي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ٿرپارڪر ضلعي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ميڊيا به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد ٿا ڪيون ته هو اهو رويو برقرار رکندا ۽ انتظاميہ سان هر ممڪن سهڪار ڪندا. ان موقعي تي هن ان عزم جو اظهار ڪندي چيو ته هو ميڊيا سان گڏ ٿرپارڪر ضلعي جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي جي ڪمن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته ٿرپارڪر هڪ وسيع ضلعو آهي ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کان وڏو آهي. ان جا مسئلا ۽ وسيلا سنڌ جي ٻين علائقن کان مختلف آهن. جڏهن ته مسئلن جي حل لاءِ مربوط ۽ منظم قدم کنيا ويندا. هن چيو ته ٽرڪول سميت ٿرپارڪر ۾ ڪيترائي فلاحي ۽ ترقياتي منصوبا هلي رهيا آهن جن جا مثبت نتيجا ۽ ميوا عوام تائين پهچائڻ ۾ ميڊيا اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ان موقعي تي اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي نمائندن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر کي ضلعي جي وسيلن ۽ مسئلن بابت تفصيلي آگاهه ڪيو ۽ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا — سنڌيار — 05

طور تي شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌ جي انفارميشن سيڪريٽري تيمور مهر، سکر ڊويزن جي صدر عرس ٻرڙو، لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر آفتاب جکراڻي، جنرل سيڪريٽري مهراڻ ناريجو سميت اياز ٻرڙو، عمران سيٺار، اصغر ناريجو، توفيق پٺاڻ خالد ڪريم مگريو، حليم ناريجو سميت سوين نوجوان ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جتي ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي مقررين اڳوائن جو چوڻ هو ته ڪنهن به پارٽيءَ ۾ نوجوانن جو وڏو ڪردار هوندو آهي جيڪي پنهنجي جدوجهد ۽ محنت سان پارٽي کي وڏيون ڪاميابيون ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا آهن. پارٽيءَ ۾ اڄ جا نوجوان ورڪر مستقبل جا وڏا ليڊر بڻجندا آهن ۽ پارٽي ۾ شامل نوجوانن کي جديد دور جي گهرجن مطابق جديد ٽولز کي اپنائڻ گهرجي ته جيئن پارٽي لاءِ جديد گهرجن مطابق هو پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. محترمه شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي نوجوانيءَ واري دور ۾ يوٿ جو بنياد رکيو ۽ هن نوجوانن جي همت افزائي ۽ ڀرپور جدوجهد ٿي هئي جنهن پيپلز پارٽي کي هن ملڪ ۾ هڪ مضبوط، منظم پارٽي بڻائي اڳتي آندو ۽ ان وقت نوجوانن کي اهي سهولتون ميسر نه هونديون هيون جيڪي اڄ جي نوجوانن کي حاصل آهن. اڄ رابطي لاءِ جديد ٽول سوشل ميڊيا سڀني وٽ موجود آهي جنهن تحت تڪڙو رابطو ۽ هڪٻئي سان خيالن جو اظهار آسان ٿي ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جون پارٽي جي نوجوان ورڪرن ۾ وڏيون اميدون آهن ته اهي جديد دور جي گهرجن مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪري پارٽي کي وڌيڪ مضبوط، منظم بڻائي تنظيم سازي ۽ ميمبرسازي تي ڪم ڪندا ته جيئن ايندڙ اليڪشن ۾ پارٽي جي نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪري اليڪشن ۾ ڪيس ڀرپور اڪثريت سان ڪامياب ڪرايون جيئن گذريل بلدياتي اليڪشن ۾ پارٽي تاريخي ڪاميابي حاصل ڪئي ايئن ئي جنرل اليڪشن ۾ پارٽي کي پوري ملڪ ۾ سويارو ڪري پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزير اعظم بڻائينداسين ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو پارٽي هڪ ڀيرو ٻيهر پوري ملڪ ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ سڀني مخالفن کي شڪست نصيب ٿيندي.

بقايا — سنڌيار — 06

۽ سپريڊينٽ لائين مين شيرزمان سهتو جي اڳواڻي ۾ شهر واسين کي اطلاع ڪيو ويو ته ٽن ڏينهن اندر پنهنجي بجلي جا بل جمع ڪرائين ۽ جيڪا به غير قانوني ڪنيڪشن لڳل آهن انهن کي هٽائي ميٽر لڳايا وڃن ني صورت ۾ انهن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ان موقعي تي ايس ڊي او امتياز گل بروهي چيو ته اسان شهر واسين کي ٽن ڏينهن اندر پنهنجي بجلي جا بل ادا ڪرڻ ۽ غير قانوني ڪنڊا هٽائڻ لاءِ اطلاع ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ مٿن قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته بجلي هلائڻ لاءِ شهري قانوني طريقي سان بجلي جو ميٽر وٺڻ لاءِ آفيس اچن اسان انهن کي ميٽر فراهم ڪنداسين. چورن کي بجلي چوري هلائڻ هرگز نه ڏينداسين ڪو به غير قانوني ڪنڊو ڪنيڪشن ۽ بجلي چوري ڪندڙن سان ڪا به رعايت نه ڪبي انهن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ايف آئي آر داخل ڪئي ويندي.

بقايا — سنڌيار — 07

ڪافي عرصي کان صفائي سٿرائي نه ٿيڻ سبب ناليون جو گندو پاڻي گهٽين ۾ بيهجي ويو محلي واسين جي زندگي عذاب ۾ مبتلا محلي واسين پاران احتجاج. ان موقعي تي محلي واسين نصرالله ٻرڙو علي اصغر ٻگهيو ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڪيترن ئي عرصي کان وٺي صفائي عملو نه اچڻ سبب نالين جو گندو پاڻي گهٽين ۾ بيهجي ويو آهي. جنهن سبب هتان اچڻ وڃڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. ان

سان گڏ مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ سبب معصوم ٻار توڙي ٻيهر سن شخص مليريا ۽ ٻين پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. هنن چيو ته ٽائون انتظاميه مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي ڏيڍ ڪروڙ روپيا وارڊ ٽائون ڪاميٽي هر مهيني ۾ بجيٽ اچي ٿي جيڪا ڪرڙا بل ناهي هڙپ ڪئي پئي وڃي پر صفائي سٿرائي به نه پئي ڪرائي وڃي. هنن ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ، ڪمشنر لاڙڪاڻو نگران وزيراعظم ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ وارڊ ٽائون انتظاميه خلاف قانوني ڪارروائي ڪري عوام ناڻي جي غلط استعمال جو استحصال ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 08

۾ صحت جي سهولتن کي بهتر بڻايو وڃي. جڏهن ته ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون آفيسر نوشهروفيروز کي شهر ۾ صفائي سٿرائي جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. جڏهن ته ايڪسين ايريگيشن کي چيو ته واهن جي تيل تائين نهري پاڻي پهچايو وڃي. ان موقعي تي ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد بلوچ چيو ته انشاءالله ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي ويندي.

بقايا — سنڌيار — 09

مهر فاطمه ڦرڙو جو قتل ۽ تازو شهيد افضل لنڊ جو قتل سنڌ جي امن لاءِ وڏو چيلنج آهي هنن چيف جسٽس پاڪستان سنڌ جي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته بي گناهن جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڌاڙيلن جي سرگرمين جي خلاف سخت آپريشن ڪري سنڌ جي عوام کي امن امان موٽائي ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 10

ي قتل ڪندڙ قاتلن کي ڪيفر ڪردار سزا ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي وڃي ان موقعي تي ٻڪ هڙتال تي ويٺل ب ب شهيد ڀٽو جي اڳواڻن شمس الدين ڀٽو، افضل جمالي، ثاقب ڀنڊ، مزار خان جمالي، اظهر لنڊ، گلزار ٻاٽ، شان چانڊيو، ذيشان ڪوڪر ۽ ٻيا بک هڙتال ڪئمپ تي احتجاج ڪندي قاتلن کي سزا ڏيارڻ تائين عوامي جدوجهد جاري رکڻ جو ورجن ڪيو

بقايا — سنڌيار — 11

پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي ۽ غلام نبي ڀنڊ هئا. گڏجاڻيءَ ۾ تخليقڪارن پنهنجون پنهنجون تخليقون اصلاح لاءِ پيش ڪيون. جنهن تي سينئر اديبن ۽ ليکڪن پنهنجا ويچار ونديا. گڏجاڻيءَ ۾ نديم اثر، عزيز ڀنڊ، ڪامران سهتو، غفور سحر، ظفر سومرو، الطاف نوح پوٽو ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار — 12

۽ ڪوچ جا ڪاغذ نه هجڻ سميت هٿ آيل سان جا تفصيلي بل نه هجڻ تي ڊرائيور مٿان ڪيس داخل، شهر پرسان ڳوڙهي خيرو روڊ تي معمول موجب گشت بيٺل پوليس موبائيل ڳوڙهي خيرو طرف ڪان ايندڙ الاحسان ڪوچ کي تيز رفتار، اڻ ڏنگي ۽ لاپرواهي سان ايندي ڏسي روڪي تحويل ۾ وٺي اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچائي جتي اي ايس آءِ رانجهڻ سومرو جي سرڪاري فرياد تي ڪوچ ايل اي ايس 3111 ۽ ڊرائيور عبدالمالڪ بروهي ويٺل جهٽ پٽ بلوچستان مٿان پي پي سي 279 ٿلر ۽ ڪوچ مان هٿ ايندڙ سامان ايفرڪ موبل 5 ليٽر جا 12 ڊبا، راڻي جوس جا 12 ڪارٽون ايراني صرف جا 14.14 ڪلو جا 3 ٻاچڪا ۽ 6 ٽريڪٽر ٽرالي جا ٽائر هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي جنهن جا ڪاغذات نه هجڻ تي جاڳايل سامان ۽ ڪوچ مٿان 550 ٿلر تحت ايف آءِ آر ۾ جاڳائي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ڪوچ سميت هٿ آيل سامان جي ٽوٽل رقم 6115000 جاڳائي وئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 13

۽ زڪوات جي چيئرمين اي ڪي لاشاري جي سنڌيار سان خصوصي ڳالهه ٻولهه شڪارپور جي نئين مقرر عشر ۽ زڪوات جي چيئرمين اي ڪي لاشاري سنڌيار سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته مستحق ۽ لاچارن جي مدد اولين ترجيحات ۾ شامل آهي ڪوشش آهي ته هر مستحق جي جائز مدد ٿئي جڏهن ته عشر ۽ زڪوات جا فنڊ جاري ڪرائڻ لاءِ اختيارين سان لک پڙهه جاري آهي ته جيئن مستحقن جي مدد شادي جي ڏاج، غريبن لاءِ هر مهيني هڪ هزار روپيا جاري ڪرائڻ سميت ٻي جائز مدد ڪئي ويندي ان هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته مان صبح جو ٽائيم سان عشر ۽ زڪوات جي آفيس پهچي ويندو آهيان ته جيئن پري پري کان آيل ماڻهن جا مسئلا حل ٿي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته جيڪي غريب ۽ بي سهارا مون وٽ پهچن ٿا انهن جو اير آر آئي، الٽراسائونڊ، ايڪسري سميت ٻيون ٽيسٽون عشر ۽ زڪوات جي فنڊ مان فري ڪرائي ڏيڻ ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهيان. هن وڌيڪ چيو ته غريبن جي مدد ڪري دلي سڪون پهچندو آهي.

بقايا — سنڌيار — 14

ادارن سان گڏجي ٿٽي شهر ۾ ڪارروايون ڪري ڪنڊ، اٽو ۽ ٻاڻ جو ٻروبون هٿ ڪري گودام سيل ڪري ڇڏيا. تفصيل موجب ٿٽي شهر ۾ مختلف گودامن تي ڇاپا هڻي 300 ڪنڊ ۽ 220 اٽو جڏهن ته 220 سونا يوريا، 200 ڊي اي پي ٻاڻ، 1000 سي اي اين فاطمه فرٽيلائزر، 350 اي اين پي فاطمه فرٽيلائز ۽ 100 سي اي اين (جي) جون ٻوريون هٿ ڪري گودامن کي سيل ڪري ڇڏيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو محمد خان پنگوار چيو ته ذخيره اندوزن ۽ ناجائز منافع خورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي، عوام جي خدمت اسان جي اولين ذميواري آهي جيڪا ٻنا ڪنهن فرق جي پوري ڪنداسين. هن چيو ته ڪنهن کي به قانون جي پڇڪڙي ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا ذريعن مطابق ڇاپا ٿٽي جي مختلف واپارين جنهن ۾ تاجر اتحاد ضلعي ٺٽي جو صدر ڊاڪٽر ڪامران قريشي ۽ واپاري حنيف ميمڻ سميت مختلف واپارين جي گودامن تي ڇاپا هنيا ويا

بقايا — سنڌيار — 15

الرحمان پٺاڻ خليل احمد ۽ سنڌن چاچو حامد رحمان پٺاڻ جا لاش نه تڪرڻ خلاف 4 ڏينهن اڳ سچرجي جنريٽر هاليج مشين ڊيزل کي باهيون ڏيڻ دوران باهه ۾ سڙي زخمي ٿيل پورهيت رئيس پٺاڻ سول اسپتال حيدرآباد ۾ زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو هوڏانهن ست ڏينهن اڳ ڏيبل پورهيتن جا لاش ڪيرائڻ ۾ انتظاميا مڪمل ناڪام ٿي وئي جڏهن ته هڪ وڌيڪ پورهيت فوت ٿيڻ سان وارثن جي اهنجن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو هوڏانهن ڪاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل لاڪڙا ڪول مائينز نااهلي لڪائڻ لاءِ هڪ ليٽر ڪيندي سمورين نندين وڏين ڪمپنين کي مزدورن جي صحت ڪاڻ جي مرمت ملازمن جي پگهارن تجربي سهولتن بابت جاڻ ڏيڻ جو ليٽر جاري ڪري ڇڏيو

بقايا — سنڌيار — 16

ڪيو ويو سخت تعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي، تي پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير صدر عبدالرزاق لاشاري، عطاحسين سهتو، ديدار عاصر، عرفان سهتو، گدا حسين سهتو، عبدالحفيظ ٽيبو، عدنان لاشاري، رياض گونڊل، ڪامريڊ ردا رزاق لاشاري ۽ ٻين احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. صحافي هميشہ مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهن. هڪ سازش تحت سنڌ جي صحافين کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو. ان جي باوجود به حق سچ لکندڙ صحافي هميشه مظلومن جو آواز بلند ڪندڙ آهن. هنن وڌيڪ چيو ته شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل سهولتڪار به بي نقاب ڪيا وڃن. هي هڪ جان محمد جو قتل نه صحافت جو قتل آهي، ۽ معصوم غلام فاطمه ڦرڙو کي ٻيرڻ جي حولي اندر بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته شهيد صحافي جان محمد مهر قاتل گرفتار ڪيا وڃن ۽ شهيد غلام فاطمه ڦرڙو جي خون سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا — سنڌيار — 17

گٽر شهرين جي زندگين لاءِ خطرو بڻجي رهيا. آهن پر شڪايتن باوجود سکر انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندن جي ڪنن تي جوءِ به ناهي چري،

[illegible]

بقايا — سنڌيار — 18

[illegible]

2021 ۾ مليل پنج ارب رپين جي رقم کي گاج بند انتظاميہ، ايريگيشن کاتي جي اعلي آفيسرن ۽ مرمت جو ڪم ڪرائيندڙ ڪمپني مبينا ڪرپشن ۾ چٽ ڪري ڇڏيا ديوار ٻڌڻ ۽ پٿرن جو بند ڏيڻ وارو ڪم جيڪو پنجن مهينن ۾ مڪمل ڪرڻو هوانڪي به سال جو عرصو گذري ويو، ديوار به مڪمل نه ڪئي وئي چار هزار فوٽ پيل گهارا به چار سالن کان وٺي نه ڀڄي سگهيا آهن وڏي پيماني تي ناقص مٽيريل جو استعمال هزارين ٻورين سيمينٽ ريتي بجري، لوهه جو سريو، مشينري جو تيل ڪاٻاڙ تيل سامان انتظاميہ جي آشيرواد سان مبينا رکرو ڪيو پيو وڃي. گاج بند ڪاڇي جو هڪ ميگا منصوبو آهي جنهن کي ايريگيشن کاتي سميت تمام ذميوار اختيارين روزگار ۽ ڪمائي جو ذريعو بڻائي رکيو آهي هرسال لکين رپيا بحيثيون هڙپ ڪيون وڃن ٿيون ۽ گذريل ڇهن سالن کان تباه ٿيل بند ڪامورن لاءِ ڪرپشن ۽ روزگار جو آسان ذريعو بڻجي ويو آهي اربين رپيا آفيسرن کائي چٽ ڪري ڇڏيا سنڌن ڪاٻہ موثر ڪارروائي عمل ۾ نه آندي وئي. گاج بند منصوبي تي 2008ع دوران ڪرپشن جي جانچ ڪانپوءِ نيب پاران تيل ڪارروائي ۾ ملوث ڪامورن تي ڪيس داخل ڪيا ۽ انهن ڪيسن ۾ گهربل گاج ڊويزن جا ڪيترائي عملدار موجوده تعميراتي ۾ ڪم اهم ذميوار بڻيل ڪرپشن جا ڪيس ڀوڳيندڙ سرويئر نظر سيال ساڳي پوسٽ تي ڪم جي نگراني لاءِ مقرر ٿيل سنڌن ڪرپشن جو بيتاج بادشاهه وارو الزام لڳل هئڻ باوجود اعلي اختيارين ۽ سياسي آشيرواد سان ايس ڊي او طور مقرر طور مقرر ڪيو ويو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته گاج بند سن 2005 کانپوءِ هن وقت تائين ڇهه مرتبا ٻوڙڻ ۾ ٽٽو پر هر سال مرمت جي نالي تي مبينا لکين رپيا ٽيٻنبر ڪيا ويندا رهيا مرمت نه ڪئي وئي بند ٽٽڻ سبب علائقي جون زرعي زمينون آبادي لائق نه بڻجي سگهيون آبادگار خوف ۾ زمين آباد ڪرڻ ڇڏي ويا مبينا لکين رپيا هرسال زميندارن ۽ آبادگارن کي نقصان پرڳٿو پوي ٿو هزارين غريب هاري بيروزگار ٿي ويا چلها ٻرڻ به مشڪل ٿي ويا. علائقي جي سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳوائن ۽ آبادگارن وفاقي حڪومت نگران وزير اعظم چيف جسٽس اسلام، سنڌ هاءِ ڪورٽ نيب چيئرمين ۽ وس وارن کان پرزور مطالبو ڪيو ته گاج بند سبب ڪاڇي ۾ وڏي تباهي ٿي آهي جنهن کي فوري طور مڪمل ڪرايو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 19

جي ڀرپور شرڪت لاءِ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز ميمڻ، محمد علي ٽالپر، حسين آزاد، مجيد ساگر سجاول جي مختلف ڳوٺن جا دورا. ان سلسلي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته اير ڪيو اير جي فرمائش تي وقت کان اڳ غير آئيني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌي عوام کي دائيمي طور اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي آهي ان سازش ۾ پيپلز پارٽي ملوث آهي. بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي سنڌ جو سودو ڪيو آهي. افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي پيپلز پارٽي 15 سال سنڌ ۾ حڪومت ڪئي آهي ۽ هاڻي سوال ٿو ڪري ته افغانستان ۾ استعمال ٿيندڙ آمريڪي هٿيار سنڌ جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن وٽ ڪٿا آيا. اهو سوال ته سنڌ جي عوام بلاول ڀٽو زرداري کان ٿي ڪري ته سنڌ ۾ 15 سال حڪومت ڪنهن جي هئي، ان جو جواب بلاول ڀٽو زرداري کي ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو آهي. هن چيو ته سجاول، ٺٽو، ڪراچي ۽ بدين جي سامونڊي پٽي تي ڌارين کي قابض ڪيو پيو وڃي. سنڌ جو پاڻي بند ڪري عوام کي بکن ۾ پاهه ڪيو ويو آهي. سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي. سنڌ مٿان گهڻ طرفو حملو ٿيو آهي. جهڙي منظم رٿابندي تحت سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. ان کان وڌيڪ منظم رٿابندي تحت پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي قبضا ختم ڪرائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ دهشتگردن کي پناهه ڏئي سنڌ جو امن امان تباهه ڪيو آهي. ملڪ جي حڪمرانن سنڌ جي زراعت ۽ صنعت کي تباهه ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جون فيڪٽريون قائم ڪيون آهن. هن چيو ته ڪراچي بدامني ڪيس ۾ ملڪ جي سيڪيورٽي ادارن سپريم ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي هئي ته ڪراچي ۾ 40 لکن کان وڌيڪ غير ملڪي غير قانوني طور رهن ٿا. جن مان ڪيترن جا ئي دهشتگرد گروپن سان واسطہ آهن. جيڪي مختلف دهشتگرد ڪاروائين ۾ پڻ ملوث آهن. جنهن تي سپريم ڪورٽ حڪم ڪيو ته انهن سمورن غير ملڪين کي 2018ع جي اليڪشن کان اڳ ملڪ نيڪالي ڏئي سنڌن ملڪن ڏانهن موڪليو ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت وفاق سان ملي پڳت ڪري انهن غيرملڪين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو، رشوت عيوض سنڌن جعلي شناختي ڪارڊ ۽ ڊومسائيل ناهيا. انهن غير ملڪين کي سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي سنڌي عوام جي سيني مٿان سوار ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ٿرپارڪر کان ڪاڇي، ڪچي کان پڪي سنڌ جي سمورن علائقن ۾ زمينن تي قبضا ڪري غير ملڪي دهشتگردن کي آباد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي ڦرجو مال سمجهي نيلام ڪيو پيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 20

اسان جو ٻاڻ ڏي وٽ ۾ بسما ٻگهيو جو رشتو ٿيل هو ڪجھ وقت پهرين نبي علي ٻگهيو پاڪ ڪتاب ڪئي اسان وٽ آيو هو ۽ بسما ٻگهيو جي بي برڪت ٻگهيو رشتي ڏيڻ تي راضپو ڪيو هن چيو ته حاجي نظير احمد ٻگهيو کي رشتي ڏيڻ جي خبر پئي ته بسما ٻگهيو کي يرغمال بڻائي ڪوڙ تي ٻڌل ڊرامو رچايو ويو آهي. هن انڪشاف ڪندي چيو ته بسما ٻگهيو جي مٿان ڪنهن به حملو ناهي ڪيو نه ئي بسما ٻگهيو سمورو ڊرامو ڪوڙ ۽ بي بنياد آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته قانوني طريقي سان بسما ٻگهيو ۽ ابرار ٻگهيو جا وارث اسان آهيون ڪلهن به ناتو وارث ناهي هوندو. هن چيو ته بسما ٻگهيو ميڊيا ۾ الزام لڳائيندي جتي رهي آهي ته حملي ڪندڙن جوابدارن کي اسين بچائي رهيا آهيون، اهي سڀ حاجي نظير ٻگهيو جي چوڻ تي اسان کي بدنام ڪري رهي آهي. بسما ٻگهيو جي مٿان ڪو به حملو ناهي ٿيو. اسان حاجي نظير احمد ٻگهيو کي منع ڪئي هئي ته معاملي جي جاچ ڪيون ٿا هن ڪوڙ کي سچ ڪرڻ لاءِ ميڊيا ۾ خبرون هلائڻ شروع ڪيون ۽ اسان کي بدنام ڪندي اسان جي عزت ۽ ساک

[illegible]

بقايا — سنڌيار — 21

[illegible]

امجد، بخش علي قلهوڙو، طفيل وسطڙو، ابراهيم سوماڻي رزاق سولنگي، محمد علي سولنگي، شاهه ولي، اشفاق ڪرسي انس ملڪ، جي اير حيدري، فضل الرحمان، اورنگزيب ماڪوءِ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 22

آهي ۽ اسان مٿان وقتن به وقت ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي اسان کي هيسائي رهيو آهي بااثر شخصيت لينڊ گريبر ياسر پيهر مڪلي ويجهو ٿٽو ٻاءِ پاس پرسان هڪ هائوسنگ اسڪيم نالي نيو مڪلي سٽي جي غير قانوني پلاٽينگ ڪئي ان هائوسنگ پرسان اسان جو قديمي ڳوٺ خداڏنو پالاري آهي جتي اسان کي پنهنجي گهرن کان بي گهر ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي اسان بااثر ياسر پيهر خلاف سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ پڻ درخواست داخل ڪرائي آهي اسان کي عدالت مان انصاف جي اميد آهي هنن چيو آهي ته بااثر هٿيار بندن کي آٿي اسان کي حراسان ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن بااثر لينڊ گريبر ياسر پيهر ڪنهن به وقت اسان کي نقصان پهچائي سگهي ٿو اسان کي هن مان جان جو خطرو آهي هنن چيو آهي ته اسان ڪافي دفعا ايس ايس پي ٺٽو کي لکت ۾ شڪايتون پڻ ڏنيون آهن پر ڪوءِ قدم نه کنيو ويو آهي لينڊ گريبر ياسر پيهر کي هڪ طاقتور سياسي ڌر جي سپورٽ آهي هنن چيو آهي ته اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيشن جج ٺٽو آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن نوٽيس وٺي بااثر لينڊ مافيا ۽ سنڌس هٿيار بندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ تحفظ فراهم ڪيو

بقايا — سنڌيار — 23

پوليس چادر چوديواريءَ جو تقدس پائمال ڪري گهر ۾ داخل ٿي منهنجي گهرواري ۽ نياڻين کي مارڪٽ ڪري منهنجي بيگناهه پٽ صالح محمد شا کي ڪنهي ڪٽي وئي آهي هن چيو ته منهنجو پٽ ماهيگيري جو ڪم ڪندو آهي درياءَ تي هوندو آهي جتان ڪل واپس گهر آيو هو بدين پوليس بنا ڪجھ ٻڌائڻ جي پٽ کي گهر ۾ گهڙي کڻي ويئي آهي هنن وس وارن ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته سنڌس پٽ کي آزاد ڪري ڪين انصاف ڏياريو وڃي

بقايا — سنڌيار — 24

لالا اعجاز پٺاڻ سميت سوين ملازمن پگهارن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪندي چيو ته اسڪروٽني هڪ دفعو ٿيندي آهي پر اسان سکر ڪمشنر وٽ 2 ڀيرا اسڪروٽني ڏئي چڪا آهيون 90 ڏينهن واري رپورٽ کي 4 سال گذري ويا رپورٽ پيش نه ڪئي وئي جمهوريت جي دور ۾ اسان سان وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي سياسي بنياد تي پگهارون بند ڪيو ويون آهن اسان جا معصوم ٻارن جي تعليم متاثر ٿي وئي آهي ڇه ملازم فوت ٿي ويا آهن پوري سنڌ ۾ اسان سان گڏ چار سو کان مٿي سي ايم او ۽ تيرنهن هزار ٻيا ملازم ڀرتي ٿيا پر صرف گهوٽڪي جي ملازمن سان انتقامي ڪاروائي ڪندي پگهارون بند ڪيون ويو آهن احتجاج ڪندڙن چيف جسٽس آف پاڪستان نگران وڏي وزير بلديات جي وزير ڪمشنر سکر کي اپيل ڪندي چيو ته معامري جو نوٽس وٺي اسان سان انصاف ڪري پگهارون بحال ڪيون وڃن

بقايا — سنڌيار — 25

آهن ايس ايس پي جناب امجد احمد شيخ صاحب جي حڪم تي عمل درآمد ڪندي علائقي ۾ بزات خود وردي پاڻي هراهم موڙ تي اسنيپ چيڪنگ ڪن ٿا ۽ علائقي جا ننڍا وڏا مسئلا جيڪي اين/سي طور ٿائي تي اچن ٿا ان تي به سب انسپيڪٽر نثار صاحب فوري ايڪشن ڪئي مسئلا حل ڪن ٿا.

بقايا — سنڌيار — 26

ملڪ تحفظ لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو قمرالدين عباسي پوليس کي صحافي جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ شرپسندن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو آهي. ان موقعي تي صحافي منظور ملڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مان پڙهيل لکيل صحافي آهيان مان جهيڙن ڦڏن مان نه جاڻان مان قلم جي وسيلي هر وقت قانون جي دائري ۾ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي پر ڪافي ڏينهن کان منهنجا عزيز وزير علي گل بهار ياسين ۽ ٻيا مونکي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا هئا جنهن سبب مون قانون جو سهارو وٺي عدالت سڳوري ۾ پروٽيڪشن جي درخواست داخل ڪئي جنهن جي پيروي جسٽس آف پيس لالا محمد حسن پٺاڻ ڪئي جنهن تي ايڊيشنل سيشن جج ٽرڙ قمرالدين عباسي مونکي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ آرڊر جاري ڪيو

بقايا — سنڌيار — 27

موجب زخمي ۽ ڌوهاري اسنيچنگ چوري ڦر ۽ ڪيئي مبينا پوليس مقابلن ۾ جي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو سکر پوليس ترجمان موجب ان حوالي سان ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جو چوڻ آهي ته زخمي ۽ ڌوهاري هڪ مهينو اڳ پنهنجي ٻين هٿيار بند سائين سان گڏ ريس ڪورس ويجهو دانش بيٽري جي دڪان تي ڌاڙو هڻي ۽ لکين روپيا ڪيش ۽ قيمتي موبائيل فونز ۽ ٻيو سامان ڪئي موقعي تي فرار ٿي ويا هئا، اڄ هڪ ٻئي واردات جي دوران ساٿين ڌوهاري جو پوليس پيڇو ڪيو ان دوران ڌوهارين پوليس کي ڏسي مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي ڏي وٽ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو گرفتار زخمي ۽ ڌوهاري جي سڃاڻپ انور نون جي نالي سان ٿي آهي. زخمي ۽ ڌوهاري جي قبضي مان پستول ۽ گوليون ميگزين هٿ ڪيون ريون آهن ياد رهي ته پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلي ۽ فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ سمورا پوليس اهلڪار محفوظ رهڻ جا اطلاع آهن.

بقايا — سنڌيار — 28

چيو ته پدعيدن ۾ قتل ٿيل عشائيه ملڪ جي خون سان انصاف ڪير ڪندو ۽ جوابدار ڪڏهن گرفتار ٿيندا ٿي ٻيا ڪيا وڃن ڏهه ڏينهن گذري ويا اڃا تائين ڪو به جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته عشائيه ملڪ جي خاندان کي موت مار ڌمڪيون ڏيڻ ۽ هيسائڻ ڪيس نائين زبردست هٿ کڻڻ لاءِ زور ڀريو پيو وڃي ۽ عشائيه ملڪ جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ ۽ پدعيدن پوليس جو ناڪام سست رفتاري سان جاچ ڪري رهي جڏهن ايف آئي آر قاتل نامزد ٿيل ان باوجود به پول جو قانون ته عمل نه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي قاتلن گرفتار نه ڪرڻ ڪلمر ڪلا قانون جي خلاف ورزي آهي. اسان اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيون ٿا معصوم نياڻي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي، عشائيه ملڪ جي خاندان کي قانون تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 29

[illegible]

بقايا — سنڌيار — 30

[illegible]

آهيون جلد ضلعي جي عوام لاءِ سلوڪر ڪرڻ لاءِ پراجيڪٽ ايندا، هن چيو ته دادو ضلعي اندر سيني سماجي تنظيمن ٻوڏ ۽ ڪرونا دوران بهتر ڪم ڪيو آهي، مون سافڪو آرگنائيزيشن ڊسٽرڪٽ مئنيجر طور پنهنجا فرائض انجام ڏئي چڪي آهيان.

بقايا — سنڌيار — 31

جو مطالبو خبر موجب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ انتظاميہ، پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ چونڊيل عوامي نمائندن جي بي ڌياني سبب شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبا ڪيترائي عرصي کان مڪمل نه ٿي سگهيا آهن. سالن کان مختلف علائقن ۾ تعمير ٿيندڙ روڏن تي پٿر رکي مرمت جو ڪم اڻپورو رهيل آهي. ڊرينيج ۽ واٽرسپلاءِ جا منصوبا پڻ دير جو شڪار آهن، مصروف ترين روڏن تي ترقياتي ڪمن جي آڙ ۾ روڊ ڊاهي ڀٽ ڪيا پيا وڃن، جنهن سبب مسافر گاڏين کي آمد و رفت ۾ سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو، جڏهن ته ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي سياسي خوشامد ۾ مصروف نظر اچي رهيا آهن. شهرين سکر انتظاميہ سميت ٻين ترقياتي ڪمن جي سست رفتاري تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندن جي نااهلي سبب شهر تباهي جو شڪار ٿي رهيو آهي، نااهل ٺيڪيدار، ناقص پاليسي ۽ منصوبابندي سبب سرڪاري خزاني کي نقصان پهتو آهي.

بقايا — سنڌيار — 32

پنج منشيات فروش گرفتار مٿن ڪيس داخل، خبر موجب ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه پاران ضلعي اندر منشيات فروشن خلاف نئٽا ويڙهه جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران مسلسل منشيات فروشن جي رستا روڪ شروع ڪري ڇڏي جڏهن ته ٽنڊو محمد خان سٽي جي ايس ايڇ او پوليس پارٽي سان گڏجي ڪاروائي ڪندي ڳوٺ پورو ڪولهي ۾ ڪاروائي دوران هڪ منشيات فروش راجو ڪولهي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 250 ليٽر ديسي شراب برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪندي منشيات فروش مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي ڇڏيو جڏهن ته شيخ ڀرڪيو پوليس پڻ منشيات فروشن خلاف مخفي اطلاع تي ڪاروائي ڪرڻ دوران منشيات فروش سلمان ڪشميري ۽ دليپ ڪمار کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 350 عدد مين پڙي هٿ ڪرڻ جي پڻ دعوا ظاهر ڪندي مٿن ڪيس داخل ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ايس ايڇ او بي سيڪشن ٽنڊو محمد خان مخفي اطلاع ملڻ کان پوءِ سنيپ چيڪنگ دوران ڪاروائي ڪندي هڪ منشيات فروش روشن ڪولهي کي 1500 عدد مين پڙي سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس ترجمان مطابق جڏهن ته راجو ڪولهي سان گڏ منشيات فروش نالي خالو خاصخيلي ۽ سنڌس به نامعلوم ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب منشيات مين پڙي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار باٿوند ڪئي وئي آهي جڏهن ته گرفتار ۽ فرار منشيات فروشن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ايس ايڇ او تعلقا مخفي اطلاع تي ڪاروائي دوران هڪ منشيات فروش ولي محمد لنجواڻي کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪندي سنڌس قبضي مان ڏهه ليٽر تيار ٿيل ديسي شراب ۽ 60 ليٽرڻ تيار ٿيل ديسي شراب برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جڏهن ته جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 33

ڪاٽو سرڪاري خرچ تي سنڌس علاج ڪرائي حياتي بچائي؛ساقي ابڙو رپورٽ موجب رتوديرو لڳ وارڊ نو ماڇي شهر جو رهواسي پلوڙ شاعر اديب ۽ رٽائرڊ پرائمري استاد ارشاد سولنگي ڪجھ وقت کان وٺي ڪان جيري جي بيماي ۾ مبتلا ٿي ويو آهي جنهن ڪري هاڻي هو هلڻ ڦرڻ کان به لاچار آهي پنهنجي رٽائرمينٽ جا پئسا ۽ گهر جو قيمتي سامان کپائي به علاج تي خرچ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن وقت پئسا نه هجڻ ڪري هو وڌيڪ علاج ڪرائڻ کان قاصر آهي ۽ ڪنهن مسيحا جو منتظر آهي ان سلسلي ۾ ارشاد سولنگي جهيڙي آواز ۾ صحافين کي پنهنجي درد ڪٿا ٻڌائيندي چيو آهي ته پهرين مونکي ڪامڻ ٿيو ان جو علاج هلي پيو ته وري جيري جي اثر ٿي ويو علاج تي رٽائرمينٽ جا پئسا به لڳايا ۽ گهر جو سامان به کپايو پر ڪو فائدو نه پيو هاڻي ته وڌيڪ علاج ڪرائڻ کان جي سگهه ٿي نه آهي وارث ڏنو ماڇي ۽ رتيديري جي صحافين جو ٿوراٿو آهيان جن اچي سار لڌي آهي. هوڏانهن مزاحمتي شاعر اديب ۽ ڪالم نگار ساقي ابڙو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ارشاد سولنگي سنڌ جو پلوڙ شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ رتوديرو جو پهرين سيڪريٽري آهي جيڪو هن وقت جيري جي بيماري ۾ ورتل آهي سنڌ جي ثقافت کاتي کي گهرجي ته هن پلوڙ شاعر جو سرڪاري خرچ تي ڪرائي سنڌس حياتي بچائي ٻي صورت ۾ رتوديرو ۽ وارڊنو ماڇي جي ڏات ڌڻين پاران سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 34

9 لک کان وڌيڪ شڪايتن جو ازالو ڪري ڇڏيو: اعجاز احمد قريشي قازان (تاتارستان) ۾ ايشيائي محتسب ايسوسيئيشن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ وفاقي محتسب جو خطاب خبر موجب: وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ايشيائي محتسب جو صدر چونڊجي ويو آهي. ايشيائي محتسب ايسوسيئيشن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته محتسب جي ادارن جي حقيقي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ لاءِ انهن ادارن جي وچ ۾ باهمي لاڳاپن ۽ ڀائرائن لاڳاپن کي وڌائڻ گهرجي. رول جوائنر" جي موضوع تي هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ عالمي تنظيمن جي وفدن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. عوام کي خطاب ۾ وفاقي محتسب قانون جي حڪمراني، گڊ گورننس جي قيام ۽ انصاف جي فراهمي تي زور ڏنو اهو اسلام آباد ۾ واقع آهي 16-15AOA اپريل 1996 تي اسلام آباد ۾ ايشيا جي محتسب جي پهرين ڪانفرنس دوران قائم ڪيو ويو AOA جو صدر چونڊجڻ بعد وفاقي محتسب عاجز احمد قريشي جنرل اسيمبلي کي پنهنجي خطاب دوران پاڪستان تي اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ گڊ گورننس ۽ قانون جي بالادستي قائم ڪرڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار کي تسليم ڪندي اسيمبلي جو شڪريو ادا ڪيو جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس کان پوءِ "قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي محتسب" اجلاس ۾ آذربائيجان، هانگ ڪانگ ۽ ايران جي محتسب کي اداري جو سينيئر نائب صدر، سيڪريٽري ۽ خزانچي مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته چين، جاپان، ڪوريا، تاتارستان ۽ ترڪي جي محتسب کي بورڊ جو ميمبر چونڊيو ويو. ٻئي پاسي وفاقي محتسب سڪر جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه پاران وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي ايشيائي محتسب جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي.

بقايا — سنڌيار — 35

جي ڀرپور شرڪت لاءِ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز ميمڻ، محمد علي ٽالپر، حسين آزاد، مجيد ساگر سجاول جي مختلف ڳوٺن جا دورا. ان سلسلي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته اير ڪيو اير جي فرمائش تي وقت کان اڳ غير آئيني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌي عوام کي دائيمي طور اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي آهي ان سازش ۾ پيپلز پارٽي ملوث آهي. بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي سنڌ جو سودو ڪيو آهي. افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي پيپلز پارٽي 15 سال سنڌ ۾ حڪومت ڪئي آهي ۽ هاڻي سوال ٿو ڪري ته افغانستان ۾ استعمال ٿيندڙ آمريڪي هٿيار سنڌ جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن وٽ ڪٿا آيا. اهو سوال ته سنڌ جي عوام بلاول ڀٽو زرداري کان ٿي ڪري ته سنڌ ۾ 15 سال حڪومت ڪنهن جي هئي، ان جو جواب بلاول ڀٽو زرداري کي ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو آهي. هن چيو ته سجاول، ٺٽو، ڪراچي ۽ بدين جي سامونڊي پٽي تي ڌارين کي قابض ڪيو پيو وڃي. سنڌ جو پاڻي بند ڪري عوام کي بکن ۾ پاهه ڪيو ويو آهي. سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي. سنڌ مٿان گهڻ طرفو حملو ٿيو آهي. جهڙي منظم رٿابندي تحت سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. ان کان وڌيڪ منظم رٿابندي تحت پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي قبضا ختم ڪرائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ دهشتگردن کي پناهه ڏئي سنڌ جو امن امان تباهه ڪيو آهي. ملڪ جي حڪمرانن سنڌ جي زراعت ۽ صنعت کي تباهه ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جون فيڪٽريون قائم ڪيون آهن. هن چيو ته ڪراچي بدامني ڪيس ۾ ملڪ جي سيڪيورٽي ادارن سپريم ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي هئي ته ڪراچي ۾ 40 لکن کان وڌيڪ غير ملڪي غير قانوني طور رهن ٿا. جن مان ڪيترن جا ئي دهشتگرد گروپن سان واسطہ آهن. جيڪي مختلف دهشتگرد ڪاروائين ۾ پڻ ملوث آهن. جنهن تي سپريم ڪورٽ حڪم ڪيو ته انهن سمورن غير ملڪين کي 2018ع جي اليڪشن کان اڳ ملڪ نيڪالي ڏئي سنڌن ملڪن ڏانهن موڪليو ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت وفاق سان ملي پڳت ڪري انهن غيرملڪين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو، رشوت عيوض سنڌن جعلي شناختي ڪارڊ ۽ ڊومسائيل ناهيا. انهن غير ملڪين کي سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي سنڌي عوام جي سيني مٿان سوار ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ٿرپارڪر کان ڪاڇي، ڪچي کان پڪي سنڌ جي سمورن علائقن ۾ زمينن تي قبضا ڪري غير ملڪي دهشتگردن کي آباد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي ڦرجو مال سمجهي نيلام ڪيو پيو وڃي. جي پرڀور شرڪت لاءِ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز ميمڻ، محمد علي ٽالپر، حسين آزاد، مجيد ساگر سجاول جي مختلف ڳوٺن جا دورا. ان سلسلي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته اير ڪيو اير جي فرمائش تي وقت کان اڳ غير آئيني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌي عوام کي دائيمي طور اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي آهي ان سازش ۾ پيپلز پارٽي ملوث آهي. بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي سنڌ جو سودو ڪيو آهي. افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي پيپلز پارٽي 15 سال سنڌ ۾ حڪومت ڪئي آهي ۽ هاڻي سوال ٿو ڪري ته افغانستان ۾ استعمال ٿيندڙ آمريڪي هٿيار سنڌ جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن وٽ ڪٿا آيا. اهو سوال ته سنڌ جي عوام بلاول ڀٽو زرداري کان ٿي ڪري ته سنڌ ۾ 15 سال حڪومت ڪنهن جي هئي، ان جو جواب بلاول ڀٽو زرداري کي ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو آهي. هن چيو ته سجاول، ٺٽو، ڪراچي ۽ بدين جي سامونڊي پٽي تي ڌارين کي قابض ڪيو پيو وڃي. سنڌ جو پاڻي بند ڪري عوام کي بکن ۾ پاهه ڪيو ويو آهي. سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي. سنڌ مٿان گهڻ طرفو حملو ٿيو آهي. جهڙي منظم رٿابندي تحت سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. ان کان وڌيڪ منظم رٿابندي تحت پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي قبضا ختم ڪرائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ دهشتگردن کي پناهه ڏئي سنڌ جو امن امان تباهه ڪيو آهي. ملڪ جي حڪمرانن سنڌ جي زراعت ۽ صنعت کي تباهه ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جون فيڪٽريون قائم ڪيون آهن. هن چيو ته ڪراچي بدامني ڪيس ۾ ملڪ جي سيڪيورٽي ادارن سپريم ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي هئي ته ڪراچي ۾ 40 لکن کان وڌيڪ غير ملڪي غير قانوني طور رهن ٿا. جن مان ڪيترن جا ئي دهشتگرد گروپن سان واسطہ آهن. جيڪي مختلف دهشتگرد ڪاروائين ۾ پڻ ملوث آهن. جنهن تي سپريم ڪورٽ حڪم ڪيو ته انهن سمورن غير ملڪين کي 2018ع جي اليڪشن کان اڳ ملڪ نيڪالي ڏئي سنڌن ملڪن ڏانهن موڪليو ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت وفاق سان ملي پڳت ڪري انهن غيرملڪين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو، رشوت عيوض سنڌن جعلي شناختي ڪارڊ ۽ ڊومسائيل ناهيا. انهن غير ملڪين کي سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي سنڌي عوام جي سيني مٿان سوار ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ٿرپارڪر کان ڪاڇي، ڪچي کان پڪي سنڌ جي سمورن علائقن ۾ زمينن تي قبضا ڪري

سرحد: اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي خان مهر جي جهانپور آمد

لکڻ عباسي جهيڙي ۾ قتل ٿيل خادم حسين عباسي جي وارثن سان تعزيت

حاجي خان مهر مقتول خادم عباسي جي وارثن کي هر قسم جي سهڪار جو يقين ڏياريو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد: اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي خان مهر جي جهانپور آمد لکڻ عباسي جهيڙي ۾ قتل ٿيل خادم حسين عباسي جي وارثن سان تعزيت، حاجي خان مهر مقتول خادم عباسي جي وارثن کي هر قسم جي سهڪار جو يقين ڏياريو، گهوٽڪي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي نئي آيل ايس ايس پي لاءِ ڪوس چئلينجز آهن: حاجي خان مهر، نئي آيل ايس ايس پي گهوٽڪي منير کهڙو مان امن امان جي بحالي بابت ڪوڙ اميدون آهن: حاجي خان مهر، حاجي خان مهر پاران سرحد پريس ڪلب جي صحافي فهيم رضا ملڪ سان سنڌس والده پارا برادري جي معزز اسلم پارو جي والد ۽ مختلف هنڌن تي تعزيتون پڻ ڪيون ويون ساڻ گڏ ارشاد شاهه قريشي، غلام حسين چاچڙ، سرحد يوسي چيئرمين نور حسن ملڪ، لياقت علي آرائين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر چاچا حاڪم علي مهر، عبدالحفيظ مهر، يوسي چيئرمين اٿل مراداڻي علي مراد مهر سميت ٻيا گڏ هئا

نئون دمبالو جي صحافي ۽ سنڌس پٽ تي جهيڙي جو ڪيس داخل

قادر بخش ڪورائي وارن جي پنهنجي برادري جي ماڻهن سان معمولي نوعيت جي منهن ماري ٿي هئي

گذريل رات قادر بخش ڪورائي ۽ سنڌس رشتيدارن ۾ جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ هڪ عورت زخمي ٿي هئي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) نئون دمبالو جي صحافي قادر بخش ڪورائي ۽ سنڌس پٽ تي ٽنڊو غلام علي ٿاڻي تي جهيڙي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ صحافي عبدالرزاق ٻنهور بدين ۾ صحافين کي ٻڌايو ته قادر بخش ڪورائي وارن جي پنهنجي برادري جي ماڻهن سان معمولي نوعيت جي منهن ماري ٿي هئي جنهن جي بلاجواز ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي صحافين کي ٻڌايو ته گذريل رات قادر بخش ڪورائي ۽ سنڌس رشتيدارن ۾ جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ هڪ عورت زخمي ٿي هئي جنهن کي پوليس علاج لاءِ ليٽر جاري ڪرڻ کانپوءِ علي احمد ڪورائي جي مدعيت ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي هن چيو ته ان معاملي جي بي ريا جانچ ڪئي ويندي ۽ ڪنهن سان به ناانصافي نه ڪئي ويندي

***

سکر مان ٻه پورهيت نوجوان پراسرار طور گم ٿي ويا، وارث پريشان

ٻه نوجوان مزدور عمران عباسي ۽ غلام علي شيخ گذريل ڏينهن کان پراسرار طور گم ٿي ويا

ڪافي ڳولها باوجود ٻنهيي نوجوانن جو ڪٿان به ڏس پتو ناهي پيو، مدد ڪئي وڃي: وارث

سکر (بيورو رپورٽ) سکر مان ٻه پورهيت نوجوان پراسرار طور گم ٿي ويا، حد ٿاڻي تي رپورٽ داخل گهر ڀاتي پريشان، ڳولها ۾ مدد جي اپيل تفصيل موجب سکر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جا رهواسي ٻه نوجوان مزدور عمران عباسي ۽ غلام علي شيخ گذريل ڏينهن کان پراسرار طور گم ٿي ويا نوجوان عمران عباسي جي والد گلزار عباسي جو چوڻ آهي ته ٻئي نوجوان صبح جو مزدوري لاءِ مڇي مارڪيٽ ويا هئا ته واپس ناهن آيا سنڌن موبائل فون به بند آهي، ڪافي ڳولها باوجود ٻنهيي نوجوانن جو ڪٿان به ڏس پتو ناهي پيو نوجوانن جي پراسرار گم ٿيڻ سبب گهر ڀاتي سخت پريشان آهن. گلزار عباسي ٻڌايو ته عمران ۽ غلام علي جي گمشدگي بابت حد ٿاڻي بي سيڪشن تي رپورٽ داخل ڪرائي آهي گلزار عباسي نوجوانن جي ڳولها ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي.

***

غير ملڪي دهشتگردن کي آباد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي ڦرجو مال سمجهي نيلام ڪيو پيو وڃي، جي پرڀور شرڪت لاءِ، عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز ميمڻ، محمد علي ٽالپر، حسين آزاد، مجيد ساگر سجاول جي مختلف ڳوٺن جا دورا. ان سلسلي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته اير ڪيو اير جي فرمائش تي وقت کان اڳ غير آئيني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي سنڌي عوام کي دائيمي طور اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي جيڪا سازش ڪئي وئي آهي ان سازش ۾ پيپلز پارٽي ملوث آهي. بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي سنڌ جو سودو ڪيو آهي. افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي پيپلز پارٽي 15 سال سنڌ ۾ حڪومت ڪئي آهي ۽ هاڻي سوال ٿو ڪري ته افغانستان ۾ استعمال ٿيندڙ آمريڪي هٿيار سنڌ جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن وٽ ڪٿا آيا. اهو سوال ته سنڌ جي عوام بلاول ڀٽو زرداري کان ٿي ڪري ته سنڌ ۾ 15 سال حڪومت ڪنهن جي هئي، ان جو جواب بلاول ڀٽو زرداري کي ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي ڌاڙيلن جي حوالي ڪيو آهي. هن چيو ته سجاول، ٺٽو، ڪراچي ۽ بدين جي سامونڊي پٽي تي ڌارين کي قابض ڪيو پيو وڃي. سنڌ جو پاڻي بند ڪري عوام کي بکن ۾ پاهه ڪيو ويو آهي. سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي. سنڌ مٿان گهڻ طرفو حملو ٿيو آهي. جهڙي منظم رٿابندي تحت سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. ان کان وڌيڪ منظم رٿابندي تحت پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي قبضا ختم ڪرائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ دهشتگردن کي پناهه ڏئي سنڌ جو امن امان تباهه ڪيو آهي. ملڪ جي حڪمرانن سنڌ جي زراعت ۽ صنعت کي تباهه ڪري سنڌ ۾ ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جون فيڪٽريون قائم ڪيون آهن. هن چيو ته ڪراچي بدامني ڪيس ۾ ملڪ جي سيڪيورٽي ادارن سپريم ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع ڪرائي هئي ته ڪراچي ۾ 40 لکن کان وڌيڪ غير ملڪي غير قانوني طور رهن ٿا. جن مان ڪيترن جا ئي دهشتگرد گروپن سان واسطہ آهن. جيڪي مختلف دهشتگرد ڪاروائين ۾ پڻ ملوث آهن. جنهن تي سپريم ڪورٽ حڪم ڪيو ته انهن سمورن غير ملڪين کي 2018ع جي اليڪشن کان اڳ ملڪ نيڪالي ڏئي سنڌن ملڪن ڏانهن موڪليو ۾ پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت وفاق سان ملي پڳت ڪري انهن غيرملڪين کي سنڌ ۾ آباد ڪيو، رشوت عيوض سنڌن جعلي شناختي ڪارڊ ۽ ڊومسائيل ناهيا. انهن غير ملڪين کي سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضا ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي سنڌي عوام جي سيني مٿان سوار ڪيو هن وڌيڪ چيو ته ٿرپارڪر کان ڪاڇي، ڪچي کان پڪي سنڌ جي سمورن علائقن ۾ زمينن تي قبضا ڪري غير ملڪي دهشتگردن کي آباد ڪيو ويو آهي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي ڦرجو مال سمجهي نيلام ڪيو پيو وڃي.

سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا ۽ حڪومت پاران مقرر ڪيل (ايس او پيز) ضابطہ اخلاق تي سختي سان عمل کي يقيني بڻايو ويندو فياض حسين راهوجو لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي شهر ۾ غير قانوني تجاوزات (قبضن) کي فوري طور ختم ڪري شهرن جي صفائي ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائين هن يقين ڏياريو ته لائيٽ ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ کي ختم ڪرايو ويندو. ان موقعي تي مختلف فرقن جي عالمن انتظاميا کي پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. گڏجاڻيءَ ۾ نئين مقرر ايس ايس پي شبير سيٺار چيو ته هن ڀلاري مهيني ربيع الاول دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويندا ۽ ميلاد جي محفلن دوران پوري سيڪيورٽي فراهم ڪئي ويندي. گڏجاڻيءَ ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سميع الله وڳڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر جوهي محمد ياسين عباسي، ميهڙ ۽ خيرپورناٿن جا اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت مختلف کاتن جي عملدارن ۽ مختلف فرقن جي عالمن سميت شرڪت ڪئي ان کان اڳ نئين مقرر ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ۽ ايس ايس پي شبير سيٺار پاران ضلعي جي آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي جي صدارت ڪئي جتي سڀني آفيسرن جو تعارف ڪرايو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ڪاڻ سنڌن کاتن جي ڪم ڪار بابت معلومات ورتي ۽ ڪين هدايت ڪئي ته اسان کي عوام جو خادم ٿي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام کي لاب ملي سگهي هن چيو ته ڪم جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ عوام کي توهان جا بهتر نتيجا نظر اچڻ گهرجن

بقايا — سنڌيار — 37

ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته جشن عيد ميلادالنبي سڀني عيدن جي سردار عيد آهي جنهن کي ڀرپور عقيدي ۽ احترام سان ملهايو ويندو ان دوران مسجدن، مذهبي سرڪاري ۽ نجي عمارتن کي چراغان ۽ سينگاريو ويندو هن وڌيڪ چيو ته امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويندا ۽ حڪومت پاران مقرر ڪيل (ايس او پيز) ضابطہ اخلاق تي سختي سان عمل کي يقيني بڻايو ويندو فياض حسين راهوجو لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي شهر ۾ غير قانوني تجاوزات (قبضن) کي فوري طور ختم ڪري شهرن جي صفائي ۽ خوبصورتي کي يقيني بڻائين هن يقين ڏياريو ته لائيٽ ۽ گيس جي لوڊشيڊنگ کي ختم ڪرايو ويندو. ان موقعي تي مختلف فرقن جي عالمن انتظاميا کي پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. گڏجاڻيءَ ۾ نئين مقرر ايس ايس پي شبير سيٺار چيو ته هن ڀلاري مهيني ربيع الاول دوران سيڪيمهڙ ۽ خيرپورناٿن جا اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت مختلف کاتن جي عملدارن ۽ مختلف فرقن جي عالمن سميت شرڪت ڪئي ان کان اڳ نئين مقرر ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ۽ ايس ايس پي شبير سيٺار پاران ضلعي جي آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي جي صدارت ڪئي جتي سڀني آفيسرن جو تعارف ڪرايو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ڪاڻ سنڌن کاتن جي ڪم ڪار بابت معلومات ورتي ۽ ڪين هدايت ڪئي ته اسان کي عوام جو خادم ٿي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام کي لاب ملي سگهي هن چيو ته ڪم جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا — سنڌيار — 36

ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته جشن عيد ميلادالنبي سڀني عيدن جي سردار عيد آهي جنهن کي ڀرپور عقيدي ۽ احترام سان ملهايو ويندو ان دوران مسجدن، مذهبي سرڪاري ۽ نجي عمارتن کي چراغان ۽ سينگاريو ويندو هن وڌيڪ چيو ته امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ فول پروف